آدي اچين شال

حميد سنڌي

پاران ايم ايڇ پنهنور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

آري اچين شال

donated By
Alhaqshu

آري اچين شال

حميد سنڌي

سچل چيئر - شاه عبداللطيف يونيورسٽي،
خيرپور ۱۹۹۳ع.

ڪتاب:	آري اچين شال
مصنف:	حميد سنڌي
سن اشاعت:	۱۹۹۳ع
تعداد:	هڪ هزار
ڇپيندڙ:	فتح ڪو. نامڪو سينٽر،
	ڪيمپبل اسٽريٽ، ڪراچي.
ڇاپيندڙ:	سچل چيئر،
	شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سنڌ.
پاران	ايم ايڇ پنهنور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت : ۳۰ - ۰۰

BOOK: AREE ACHEEN SHAAL
(Articles on Sachal Sarmast)
AUTHOR: Hameed Sindhi
EDITION: First (1993)
COPIES: One Thousand
PUBLISHERS: Sachal Chair,
Shah Abdul Latif University, Khairpur, Sindh.
PRINTERS: Fatehco, Namco Centre,
Campbell Street, Karachi, Sindh.
PRICE: Rs: 30 /-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

انوکو اسلوب	تنوير عباسي	۵
الستي آواز	حميد سنڌي	۹
مون ليان توسان		۱۳
پٽيءَ جج نہ جُل		۱۷
سچل جي هير ۽ سچل جو رانجهو		۲۳
سچل جو سچ		۳۵
آري اچين شال		۴۷
ماضيءَ جا صوفي اڄ جا مسيحا		۵۷
يار سچوءَ رنگ لايو		۶۹

انوکو اسلوب

منهنجو پيارو دوست، حميد سنڌي، هونءَ تہ سنڌي ادب ۾، کهاڻيڪار جي حيثيت ۾ پاڻ ملهائي ۽ مڃائي چڪو آهي، ۽ سندس شمار هن دور جي پهرينءَ صف جي کهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هو هڪ ايڈيٽر جي حيثيت ۾ "روح رهاڻ" جي ڪري اڻ وسرندڙ شخصيت آهي. "روح رهاڻ" کي اڄ تائين هڪ مثالي مخزن ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي.

ادبي تحريڪن، سنڌيءَ هوليءَ تي آيل اونداهن دؤرن ۾ هوليءَ جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ هليل تحريڪن ۾ هن "روح رهاڻ" ذريعي اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو.

ان کان سواءِ هو ڪامياب منتظم ۽ بهترين تعليمي ماهر پڻ آهي. هن جي گهڻ پاسائين شخصيت جا ٻيا بہ گهڻا پاسا آهن، پر هن ڪتاب ذريعي هو هڪ محقق جي حيثيت ۾ ادبي دنيا ۾ قدم ڌري رهيو آهي.

ادبي دوست عجب ڪائيندا آهن تہ هن کهاڻيڪار جو لاڙو ان خشڪ موضوع طرف ڪيئن ٿيو؟

سنڌ ۽ ان جي ڪلاسيڪي ادب ۽ ڪلچر سان محبت تہ اسان جي دور جي هر ليکڪ کي سُتيءَ پيل آهي. پر ان کي ٿوريءَ مهميز ڏيڻ جي ضرورت هئي. حميد سنڌي پٽ شاه تي ميلا مچائي، هر سال ادبي ڪانفرنس جو اهتمام ڪندو هيو. مان جڏهن پٽ شاهہ يا حيدرآباد ويندو هيس تہ لطيف ۽ سچل تي ساٿس ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي. پٽ تي محققن جا مقالا ٻڌندي، ۽ انهن کي ترتيب ڏيندي، سندس لاڙو ڪلاسيڪي شاعرن تي تحقيق ڏانهن ٿيندو ويو. هڪ دفعي مون موقعو تاڙي، حميد کي

چيو "حميد سچل تي ايندڙين؟" ۽ هن يڪدم "ها" ڪئي- ۽ ان کان پوءِ هو هر سال سچل تي ايندو رهيو؛ ۽ مقالا پڙهندو رهيو تان جو سال ۱۹۹۲ع ۾ پڙهيل مقالي "آري اچين شال" تي سچل يادگار ڪاميٽيءَ کيس بهترين مقالي جو ايوارڊ ڏنو.

سچل اهڙو چقمق آهي جو جنهن کي پکڙي، انهي کي سچيءَ عمر لاءِ جکڙي ڇڏي. اهوئي حال قاضي علي اڪبر درازيءَ جو ٿيو. اهوئي حال عطا محمد حاميءَ جو ٿيو، اهوئي حال هادي بخش لاڙڪ جو ٿيو، اهوئي حال منهنجو ۽ محمد علي حداد جو ٿيو آهي، ۽ هاڻي انهي يوسف جي خريدارن ۾ اسان جو يار حميد سنڌي به شامل ٿيو آهي. مان هن کي "عشق مبارڪ" ٿو ڏيان، جيڪا تاجپوشيءَ جو موقعي تي سچل جا عقيدت مند هڪ ٻئي کي ڏيندا آهن.

حميد، سچل تي ٿيندڙ ادبي محفل کي هڪ نئين اسلوب ۽ نئين روش سان واقف ڪرايو آهي. هو بنيادي طرح ڪهاڻيڪار آهي. ان ڪري هن پنهنجي مقالن ۾ پنهنجي ڪهاڻيڪاريءَ جي فن کي پرپور طرح سان ڪتب آندو آهي. هن جا مقالا تحقيقي به آهن، ته تاثراتي پڻ. هن جي ٻولي، اسلوب، ۽ روش- خشڪ مقالي نگاريءَ يا تحقيق واري نه آهي، پر ان ۾ جذبن ۽ احساسن جي اپٽار پڻ آهي. ان ۾ ڪهاڻيءَ وانگر چوٽ (Climax) جو تاثر پڻ ملي ٿو. انڪري ئي جڏهن ڪانفرنس ۾ خشڪ تحقيق، پڌندڙن کي ٽڪائي ڇڏيندي آهي، ته حميد جا هي مقالا، جيڪي تحقيقي ۽ تاثر، ٻنهي جي وچ تي آهن، پڌندڙن ۾ نئين دلچسپي پيدا ڪندا آهن.

هن سان گڏ، رشيد پٽيءَ جا سچل سرمست تي لکيل مقالا به شايع ڪري رهيا آهيون، جيڪي به هڪ انوکو زاويو ۽ نڪتئه نظر آهن. حميد جا هن ڪتاب ۾ ڇپيل مقالا به اهڙيءَ ئي ريت هڪ انوکو اسلوب، زاويو ۽ نڪتئه نظر آهن.

حميد سنڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾، سچل چيئر جي اڏام جو رخ آسمان طرف ٿيو آهي. اسان حميد سنڌيءَ جا سچل سائينءَ تي لکيل ۽ ٽڙيل پکڙيل مقالا، گڏ ڪري هڪ هنڌ شايع ڪري خوشي ۽ فخر محسوس ڪريون ٿا ۽ سچل سائينءَ جي فن ۽ فڪر تي لکيل هڪ انوکي اسلوب کي عام آڏو پيش ڪريون ٿا.

مان محمد علي حداد جو ٿورائتو آهيان، جنهن هنن مقالن کي هٿ ڪري ترتيب ڏني ۽ ايياز گل جو به ٿورائتو آهيان، جنهن انهن کي سهڻيءَ سٽا سان چپرايو.

تنوير عباسي

سرمد جو گهر خيرپور
۱۳ مارچ ۱۹۹۳ع

الستي آواز

سر سانداڻ ڪري پڇج گهر لهارجو
ڏکن هيڻ ڏري مان گڏينئي رُک سين (شاه)

لطيف سائين پهريائين مَن اندر پيهي مون کي "جوڳي جاڳايوس ستو هوس ننڊ ۾" وانگر اندر باهر جي ڪيفيت کان آگاه ڪيو ۽ ننڊي هوندي کان سر سانداڻ ڪيو لهارن جي گهرن جي پڇا ڪندو وتندو هوس تہ مَنڊ کو ڏکن هيڻ ڏري. خبر اها پيم تہ ڳولا ئي آهي جيڪا انسان کي رُک بڻائي سگهي ٿي. منهنجي ڳولا اهائي هئي تہ اصل حقيقت جي خبر پويم. آخر هيءَ سڀ ڪجهہ جيڪي منجهہ جهان آهي اُهو ڪيئن ۽ ڇو آهي. اسين ڇا آهيون ۽ ڇو آهيون. جڏهن ڏٺم تہ حق، حقيقت جي ڳولا جو سلسلو نبين، پيغمبرن، مفڪرن، شاعرن جي سلسلي سان ڳنديل آهي، تہ رخ اهوئي رهيو. لطيف سائين منهنجو رهبر رهيو پر جڏهن چيائين تہ:

حقيقت هن حال جي ظاهر ڪريان ڏري،
لڳي ماڻ مروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ هري، اوپڙ اپري ڪينکي. (شاه)

مون جهڙو اڻ ڄاڻ ماڻهو تہ ماڻ ٿي ويو. پر جڏهن اهو پڙهيم:

ڏکي ڏک وسار، سيج ڪٽي ڪر سسئي،
پٽين پير نهار تہ آرياڻي اُتان لهين. (شاه)

مون اُهائي راهہ ورتي ۽ حياتي جو جبل ائين ئي جهاڳيو. سڀ ڪجهہ ڇڏي نبين، پيغمبرن، مفڪرن شاعرن جي قدمن جي نشانن کي ڏسندو، ماڻهن جي ميڙن مان لنگهندو، انهن جون ڪهاڻيون ڪهندو اچي صوفين سان ويٺو آهيان:

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
سڀ پروڙيو صوفئين، جنين هٿ ۾ حال. (سچل)

سڀ ۽ حق جي ڳولا ۾ اچي سچل وٽ پهتو آهيان. جنهن بنهہ مست ڪيو اٿر:

جوڳيا ويس ڏڪي، لاٿر سڀ لباس،
پٽ پٽيهر بافتا نپٽ ڪيم ناس،
ڪيو نينهن نراس، دنيا جي درد کان.

جيئن ئي سچل جي ملڪ آيس سچل ائين جڪڑي ويو اٿر جو سڀ ٽانڀ پچي پورا ڪيا اٿر ۽ سڀ حق لاءِ جنگ جاري رکي اٿر. هاڻي مون لاءِ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ناممڪن ٿي پيون آهن:

اندر ڪارو ڪانڀ، باهر پولي هنج جي،
اهڙو ٺلهو ٽانڀ، پچي چو نہ پورا ڪرين.

هونئن ۾ سچل چواڻي "سچو سچيءَ ڳالهہ ۾ ڪهڙو ڪيم گناهہ."

اڄ لطيف کان سچل تائين سفر سڪرو پيو پانيان، هڪ عشق واري ڪيفيت آهي، وڌيڪ ڪچڻ جي طاقت نہ اٿر:

عشق ٿي انسان آيو، سيلاني سپرين،
صورت ۾ آدم جي آدم دم مهان،
سچو تون سلطان، ستگر سڀ سڏايو.

سچل سائين کي جيئن پڙهيم، ٻڌم، الائي ڪيتريون وانڱون لتاڙيم ۽ الائي ڪيترا جام سچ حق جا پياريائين:

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستئون مست مدام.

سچل من ۾ وهي ۽ ٻاڦ ٻاهر نه نڪري سا اڻ ٽيٽي آهي. ٿوري وقت ۾ جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو اٿم. سچل سان جيڪو پيچ اڙيو اٿم، اڄ هن ڪتابڙي جي صورت ۾ آهي.

هيءُ سپ ڪجهه جيڪي ڪجهه لکيو اٿم، اُهو ڪو وڏو تحقيقي ڪارنامو نه آهي. پر جيڪي ڪجهه سچل سائين معرفت هن مهل تائين جهولي ۾ پيو اٿم، سو پيش ڪيو اٿم. غلطيون سلطيون گهٽيون هونديون پر هن سچل چواڻي تي ڏيڊ مليو اٿم.

ڏوهن سچوءَ جن ڏي نه ڏسو،
هت تا سندوءَ سڏايون.

ارادو اهو هو ته لطيف سائين لاءِ لکيل ڪي مضمون ۽ ديباچا، سچل سائين جا هيءُ مضمون گڏجي ڇپجن. پر دوست تنوير چواڻي ته سچل جي ويجهو جيڪو ويو اُهو جکڙجيو وڃي. سچل جي ننگري ۾ آئي ڪجهه ڏينهن ٽيا ۽ هيءُ مواد گڏ ٽيو ته دوستن جي صلاح بيٺي ته هيءَ ٻاڦ ٻاهر نڪري ته ڇڪو.

آءٌ ٿورائتو آهيان دوست ۽ منهنجي ساڻي تنوير جو جنهن مون جهڙي هڪ ڪهاڙيڪار ماڻهوءَ کي هن ميدان ۾ رندا روڙڻ لاءِ وقت بوقت نه رڳو همٿايو پر رهبري پڻ ڪئي. سچل چيئر سان لاڳاپو پڻ ڏاڍو ڪم آيو. ساڻي محمد علي حداد هر گهڙي هر ويل ڊير ڪتاب ڪٽيو بيٺو هجي ۽ پيو هرڪائيم. سندس انهن قربائتين گهڙين لاءِ ٿورائتو آهيان.

هن ويل مان هڪ بن رهبرن جو ذڪر ڪندس، جن مون کي لطيف سائين ۽ سچل سائين واري پنڌ جو پانڌيئڙو ڪيو. هڪ هو مرحوم غلام محمد گرامي، ٻيو هو اسانجو پراڻو همسفر رشيد پٽي. اڄ ٻئي ڪونهن، پر روح اندر ويهي پيا من مستي ڪن. ڏٺي کين اُن جو اجر ڏيندو.

مان سچل يادگار ڪاميٽي ۽ ان جي چيئرمين، منظور علي اعوان جو ٿورائتو آهيان، جن سرمست ۾ نه رکو مضمون شريڪ ڪيا پر منهنجي "آري اچين شال" کي ١٩٩٢ع جو بهترين مقالو قرار ڏنو ۽ مون کي اعزاز سان نوازيو. شال هيءُ جيڪيٰ ڪجهه به آهي قبول پوي. هن مواد تي سچل جو نانءُ آهي، تنهنڪري سمجهان ٿو ته هيءُ ننڍڙو ڪتاب هوندي به وڏو ڪتاب سمجهيو ويندو ۽ چاڪاڻ ته هيءُ الستي آواز جو پڑاڏو آهي. بس جنهن کي مست ڪري.

الستي آواز ڪو، منهنجي ڪن پيو،
هردي اندر هير جي، آهي ڪونه ٻيو،
مرليءَ مست ڪيو جوڳيئڙن جي جيڏيون.

(سچل)

حميد سنڌي
١-٣-٩٣ع

مون ليان توسان

سنڌ جي تاريخ جي ورقن تي جيڪو بہ دور لکجي رهيو آهي تنهن ۾ فڪري انقلاب جو وڏو پاڳو آهي.

ڪلهوڙن جو دور هجي يا ميرن جو، ڪلهه جو دور هجي يا اڄ جو، سنڌ جي مفڪرن، اديبن، شاعرن پنهنجو پاڻ پي ملهايو آهي، انهن جنهن نموني سان ثقافتي ورثي کي فطري انقلاب سان هم آهنگ ڪيو آهي، سو دنيا جي ڪنهن بہ خطي کي نصيب نہ آهي. اها سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خوش نصيبي آهي جو سنڌ جا مفڪر، اديب، شاعر، هڪ ڏاهي حڪيم وانگيان، اسان جي زخمن جي ڪڍڻ تہ نشتر سان، تہ ڪڍڻ ملهم پٽي سان، تہ ڪڍڻ ڪوڙين ستين ڦڪين سان علاج ڪيو آهي ۽ درد جو درمان ٻڌيا آهن.

خاص طرح اهي شاعر تہ لک لهن جن وٽ "ڪوڙين ڪن سلام اچيو آٽڻ ان جي."

پٽ ڏٽي هجي يا سچل ۽ سامي، بيدل هجي يا بيڪس ۽ يوسف، هرهڪ پنهنجي شاعري جي مسند تي ويهي جيڪي ڪجهه بہ اسان جي جهوليءَ ۾ وڏو آهي، تنهن پوڄارا پر ڪري ڇڏيا آهن. بيشڪ هو سنڌي شاعري جا حقي وارث آهن.

ٻڌائي جي انقلابي دور کان پوء اسان کي اهڙو دور ملي ٿو، جيڪو هڪ مستي ۽ رندي جو پيغام ڏئي ٿو. اهو دور سچل جي سچ ۽ حق جو دور آهي.

سنڌ جون سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حالتون ٻڌائي گهوٽ کان ڇٽرائين ٽيون:

سڙه ٽي سبيائون ، بندرجن تڙن تي،
سڙه سبي ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف سائ لطيف چئي.

(شاه)

سچل هيءَ ڀالهه ڪجهه پي طرح ڪري ٿو:

غوطو مارج اوچتو، منجهه قلزم ڪارونيار،
زمين زمن آسمان، اندر آب وسار
دانه دم گذار، طالب ٽي تاريڪ ۾.

(سرمست)

سچل جي هن ڪلام کي جيئن جيئن ڏسجي ٿو ته، ايڏي جديديت ۽ آشڪاريت جو احساس ٿئي ٿو جڙ اهو شاعر هن دور جو شاعر آهي. ڇا سندس ٻولي آهي، ڇا سندس فڪر آهي، ڇا سندس ڪيفيت آهي، ماڻهو کي مست ڪيو ڇڏي!

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سجاڻ،
الله الله ڇو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ،
تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ شاهد آ قرآن،
ناهي شڪ گمان، "سچو" سائين هيڪڙو.

سنڌ جي هن روشن ادبي ستاري تي زاهدن جي خاص نظر پئي رهي آهي، تنهن ڪري سچل جي ساراهه مڙيوئي گهٽ پي رهي آهي ڇا لاءِ ته:

"ملا مار م مون، سبق پڙهان ڪين سچ ڏسن"

جهڙا شعر کين نہ آئڙيا يا نہ وري سمجهہ ۾ ئي آيا آهن.
سچل حقيقت ۾ جنهن ڳالهہ جو پرچاري رهيو آهي، اها ڪا بي ڳالهہ نہ آهي ۽ دين کان ٻاهر نہ آهي.

صرف فرق ايترو آهي جو هو ڪليل لفظن ۾ اقرار ڪري ٿو ۽ منافقي سندس وڙ نہ آهي :

ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو شاعر چوي، ڪو ساحر چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪو ملا چوي، ڪو قاضي چوي،
ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،
ڪو روزيدار نمازي چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪو رد چوي، ڪو بد چوي،
ڪو بيديني بيحد چوي،
ڪو مشرڪ ڪو ملحد چوي،
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان.

فارسي ڪلام جو "اشڪار"- سنڌي ڪلام جو "سچو"- اصل ۾ :

"ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي ساروئي سر آهي"

موج درياهہ حباب ڪڙا ڪيا ، ڇاڇ ڪو شڪ ناهي،
عاشق، عشق، معشوق اهوئي، ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي،
پنهنجي پاڻ پسائڻ ڪارڻ، ناهہ لکين ٿو ناهي،
اهو اندر اهو ٻاهر، ڪيئن چوان ائين ناهي.

سچل بيشڪ سچو، نسورو سچ، اهوئي اندر اهوئي باهر آهي. مان انهي ڪري اها دعويٰ ٿو، سچل پنجاه سالن کان پوءِ مستيءَ ۾ رندي جو جلوو پسايو غلط ٿو سمجهان. هو چاپندي چام نه هجي ها ٿو، لطيف سائين ڪيس ڪُني تان ڏڪ لاهيندڙ بهگڙ بالڪ نه سڏي ها. هيءُ سرمدي ستارو اُڏندي ويهندي جڏهن اهو ٿو چوي ٿو:

"سچا سچ چوندي، ڇئه ڪير ڪهڙو گناهه"

تڏهن سندس سچ پرستي يا حق پرستي تي ايمان آڻڻو ٿو پوي ۽ ڪيس ڪٽي مصلحتي مسلمان، ڪٽي پڪو مسلمان ٿو ڪٽي مستي وارو مسلمان ثابت ڪرڻ واري ڪوشش تان هٽ ڪٽجي ٿو بهتر. سندس اندر واري ڪيفيت ٿو سائين ڪيس ڪندن بڻايو آهي ۽ اهڙو شاعر بڻايو آهي جنهن "اڻ ڄاتل جي ڄاڻ"، "سچ جي ڳولا"، "وسيع ۽ پر اسرار فطرت جي نقاب ڪشائي"، "زندگيءَ جو احترام" "حسن ۽ عشق جو اظهار" جهڙن موضوعن تي قلم کنيو آهي. جيڪي ڪيس سچو ۽ حق جو علمبردار بڻائين ٿا.

سچل سائين تي جيترن به محققن لکيو آهي انهيءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪي ڳالهيون ڏڪيل لفظن ۾ ڪيل آهن، پر اُهي "سچو" کي ڏڪي نه سگهيون آهن.

هيءُ مستي جي عالم ۾ سر تا پير همه اوست جي رنگ ۾ رڱيل آهي. "وحدت الوجود" جي واضح لفظن ۾ مان نه ٿو پانيان ٿو ڪنهن اهڙي اپٽار ڪئي هوندي. سندس ڪلام ۾ "تون هي تون" پيو وڄي ۽ وڏي واڪي ٿو چوي :

"تون" هي سان "تون" هي ليين،
"مون" ليان "تو" سان.

(سچل سرمست جي سالياني عرس سال ۱۹۸۳ع تي پڙهيل)

پنيءَ جَج نہ جُل

ڪجھ سال ٿيا تہ مون درازن جي درگاھہ تي سچل سائينءَ تي، ھڪ تاثر پڙھيو ھو جيڪو سچل سائين جي مشھور شعر:

"مين تان ڪوئي خيال ھان،
ليسان نال خيال دي"

تي ختم ٿيو ھو. اھو شعر ھڪ خيال جيان مون کي سنڌ جي ھوائن ۾، فضائن ۾، جبلن ۾، ماڻرين ۾، ڳوٺ ڳوٺ وستي وستيءَ اُڏاريندو رھيو، پر مان اُھوئي 'خيال' رھيس جنھن کي نہ ڪنھن خيال لڏو نہ وري ھن خيال ڪجھ لڏو. شايد ڪجھ پاڻ ۾ ھجي تہ ليڪي. بقول منھنجي ھڪ دوست جي تہ "پيارا ھيءُ شعر تو کان ءِ مون کان ان لاءِ مٿي آھي جو اڄ تائين وڏا عالم، مفڪر ءِ مُلان سچل جي اُن خيال کي نہ جھڻي سگھيا آھن جو اڄ تائين سچل تي ملحد ھجڻ جي ميار آھي، سندس ڪلام تي خلاف شرع ھجڻ جي فتويٰ آھي."

اُن ويلي مون کي گھٽو ڪجھ ياد آيو: عطار ياد آيو جنھن چيو تہ:

ڪفر ڪافر را، دين ديندار را
ذره درد دل عطار را

وري شاھ صاحب چيو ھو:

نکو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني مَن،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪو بهشت ڪُهرن،
اُيا ايئن چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.

سچل سائينءَ چيو:

آهيان پاڻ الله، اديون مون کي ڪير ٿيون ڇاڻو!
يا
مذهبن ملک ۾ ماڻهو منجهايا.

بُلا شاه چيو:

اسان آدم ڪنون اکي هياسين،
آدم اسادّا ڇايا ، الله آدمي بن آيا.

فريد چيو:

چاهت نہ صوم وصلوات دي،
حاجت نہ حج زڪوات دي،
خواهش نہ ذات صفات دي.

صادق فقير چيو:

الله چڏيائون اوريان، پرانهون پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين اڃا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيو سندرا.

اقبال چيو تہ:

ڪافر نہ شدي، لذت ايمان چہ شناسي،
خود راتہ پرستيدي، عرفان چہ شناسي.

فارغ تو نہ بيني ڏا محشر ۾ جنون ميرا،
يا اپنا گريبان چاڪ، يا دامنِ يزدان چاڪ.

مان سمجهان ٿو تہ اِهو اُهو ئي خيال هو جنهن لاءِ سچل ظاهر ڪيو هو تہ :

مين تو ڪئي خيال هان، ليسان نال خيال دي.

انهي خيال کي جهٽڻ مذهب جي علمبردارن جي وس نہ هو. چاڪاڻ تہ هي سڀ صوفي شاعر اهل ايمان هيا. پر سندن ڪوڙا پارکو جن کين ملحد، ڪافر سمجهندي سندن ڪلام کي خلاف شرع پي قرار ڏنو سي حقيقت ۾ لطيف چواڻي:

"ٻاهر زيب زبان سين اندر هچارو،
اُن پر ويچارو، ويجهو ناه وصال سين.

جي مطابق هيا. اُنهن پارکن جو خود اندر هچارو هو. اهي هنن درويشن جي مام ڪهڙي سمجهي سگهيا ٿي! هنن مذهب ملت، شيخ ۽ زاهد، ڪفر ۽ ايمان لاءِ جيڪو ڪجهہ بہ چيو آهي اُن ۾ بغاوت بکي ٿي. انهن شاعرن ۾ ڪيترا عالم، عارف، صوفي، ولي، فلسفي ۽ مذهبي آهن، پر سندن جهاد بنديخاني جهڙين بندشن جي خلاف هو. انهن جو انداز بيان ڪيترو بہ سخت آهي پر ڪنهن کي بہ گمراهہ، مرتد، لامذهب يا ملحد ثابت نہ ڪري سگهيا. اُن جي برعڪس انهن جي ولايت ۽ بزرگي کي مٿاهون رکي کين اهل تصوف جي صف ۾ ڪٽيو ويو. اڄ ڪير عطار، رومي، جامي، خيام، شاهہ، سچل، بُلا شاه ۽ فريد لاءِ ڪو ڪفر آميز فتويٰ ڏئي سگهي

ٿو؟ حقيقت ۾ هيءُ صوفي با ڪمال شخص برگزيده روزگار ۽ صاحب ولايت اُنهي وجداور ڪلام جا خالق آهن، جنهن ڪلام کي الهام چيو ويو آهي. انهي الهام هيٺ ئي سچل کي سرمست ۽ عطار کي بقول سچل "خدا" چيو ويو.

عطار نه بود آن ڪه خدا بود خدا بود.

سچل جو اهو خيال اهو الهام هو، اهو روح القدس جو فيض هو، اهو خيال محبت ۽ پالوٽ، ٻڌي سڄي ڪائنات جي هر رُخ ڏانهن ڦهلجي ويو.

سچل جو اهو خيال بغاوت جي ابتدا هو. هن انسانن جي ذهن، ڪردار، ضمير ۽ شعور کي خارجي بندشن کان آزاد ڪرائڻ جي لاءِ آواز بلند ڪيو. لطيف اُن جي ابتدا ايئن چئي ڪئي:

اندر ڪارو ڪانءُ، باهر پولي هنج جي،
اهڙو ٻاهو ٿانءُ، پيچي چو نه پورا ڪرين.

سچل اُهي ڪئين ٻاها ٿانءُ پچي پورا ڪيا ۽ چيائين:

پُٽي ڇڄ نه ڇُل، تون ڪر پاڻ کي گهوٽ،
مرد نه هنئون موٽ، پٽي لاءِ ڇيڙي.

لطيف ۽ سچل ۾ گڏيل قدر اهي آهن، جو هو ٻئي سرمائيدارانه ۽ جاگيردارانه نظام جي اُنهي پرآشوب دور جي پيداوار آهن، جڏهن هڪ طرف ميرن جو راج هو، ٻئي طرف مذهب جي علمبردارن جي وچايل چار ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل آدم، آدم زاد ٽٽڪي رهيا هئا.

سچل پاڻ آدم جي صورت ۾ اچي آدم کي جاڳايو:

عشق ٿي انسان آيو سيلاني سپرين،
صورت ۾ آدم جي، آدم دم مهمان،
سچو تون سلطان ، ستگر سچ سڻايو.

اڄ آدم جاڳيل آهي، منجهس خيال ليڻ جي قوت آهي جنهن خيال کي هن دور جي مفکر علامہ آءِ آءِ قاضي قوت- فکر ۽ نئين خيال سان تشبيهہ ڏني آهي. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌين جي حوالي سان علامہ آءِ آءِ قاضي چئي ٿو:

"سنڌي زبان جي بقاءَ جو فقط هيءُ هڪ واحد طريقو آهي تہ سنڌين ۾ قوت فکر پيدا ٿئي جيئن هو نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن. ايئن ڪرڻ سان هوند زبان جي زندگي ۽ بقاءَ جو سوال پاڻهي حل ٿي وڃي."

منهنجي نظر ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جنهن قوت فکر 'نئين خيال' جو ذکر ڪيو آهي، اُن جو لاڳاپو سنڌ ڏرتي جي رهواسين سان آهي ۽ سوال رکو 'زبان' جي زندگيءَ جي بقا جو نہ آهي، پر هاڻ ساري سنڌ جي بقا ۽ زندگي جو مسئلو آهي. سچل ان سڄي نئين فکر ۽ خيال جو اڳواڻ آهي تنهن ڪري اسين هڪ دفعو وري وٽس هلون ٿا. هو چئي ٿو:

"پٽيءَ ڇڄ نہ ڇُل، منجهہ تماشي نہ پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هُل.

اڳتي اُهوئي چئي ٿو جنهن خيال جي اڄ اسان کي گهرج آهي:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
وهم سچل کيڏ پانهپ وارو، شملو پٽ شهانو.

شايد سچل جو اهوئي خيال آهي جنهن جو ذڪر منڊ ۾ ڪيو هيم. شال اسان کي سچل وانگر اُهو خيال ملي وڃي جنهن لاءِ سچل چيو هو "مين تان ڪوئي خيال هان، ليسان نال خيال دي." اڄ بہ اسين سچل جي خيال ۽ فڪر کان آجا ٿي نہ ٿا سگهون. چاڪاڻ تہ اُهو هڪ نئون فڪر ۽ نئين سوچ ڏئي ويو. اُها سوچ ۽ فڪر اُن پرآشوب دور جي پيداوار هو ۽ اڄ جي پرماريت ۽ نا انصافي واري دور ۾ بہ اسان جي رهبري ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ هُن بار بار چيو آهي:

"جي فڪر کون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور."

شايد اسين سڀ سچل کان رڳو فڪر نہ پر مسئلي جو حل گهرندا هجون ۽ منهنجي نظر ۾ هر مسئلي جو حل اسين پاڻ آهيون، رڳو هن فڪر کي عملي طرح اڳتي نيٽو آهي:

تون جا پائين موج، سا مڙبائي مهراڻ ٿي،
هي اُنهن جا اوج، جن سنبت سوريءَ پار ڏي.

(سچل سرمست جي سالياني عرس سال ۱۹۸۹ع تي پڙهيل)

سچل جي هير ۽ سچل جو رانجهو

سچل سائينءَ کي پڙهندي ۽ پڌندي ورهيہ گذري ويا آهن، پر هر ويلي جڏهن بہ ساڻس رهاڻ ڪئي اٿم، تہ ڪا نہ ڪا اهڙي ڳالهہ ضرور ملي اٿم جو ڪجهہ وقت لاءِ من پرسن پي رهيو آهي. سچل جي ڪلام ۾ جيتري مستي پڙهيم، اوتري وري نهٺائي بہ ڏٺم. جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ سچل جي ڪلام جو مڪيہ موضوع همہ اوست آهي. هُن همہ از اوست کي تسليم نہ ڪيو آهي :

اي دلا جز عشق و مَستي کار ديگر هيچ نيست
چشم بکشا بنگري جز يار ديگر، هيچ نيست

هو ڪڏهن سالڪ تہ ڪڏهن منصور:

بانهو ٻانهءَ مَ ٻاڻ،
تُون ئي مالڪ مُلڪ جو.

سچل موج ۾ اچي وڃي ۽ هيئن نہ چوي:
پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن بي ذات سڏايان.

سچل جي مستي ۽ اُڏام هميشہ متي هوندي هئي ۽ هو چوندو هو:
تو خدا هستي خدا هستي خدا لاشريک و پاک از چون وچرا
خويش را درخويش مي بيني همہ نيست‌چيزي در تحرّک غيرما
هم خدائي نام خود را داشتن ذات تو تحقيق مي باشد خدا

اهو عروج ۽ مستي، عجب ڪيفيت آهي، پر ان لاءِ وڏا اسرار طئ ڪيائين.
سچل جي دنياوي ڪيفيت ڏسڻي آهي تہ ڪيس وري، هيئن هيڪڙائي جي اپٽار ڪندي ڏسو:

غرق گناهہ دي وچ هوئيان، ڪوئي هور سوال نہ ڪرديان،
تيڏي لافاني سرڪار سائين، ڏيڪ ڏيڪ ڪر آءٌ ڏرديان.

اڳتي اڃان بہ هيٺ هليو ٿو وڃي:

گربنده من گنهگارم
از در تو بسي اميدوارم

هو درجي بدرجي لهندو ٿو وڃي:

آهيان عيبدار ميان، آءٌ پانهن جي پانهي،
عمر سموري ڪوڙ ڪمايم، بخشو مونکي جاني.

سچل سائينءَ جي اهڙين ڪيفيتن کي پسندو، مان سندس ڪلام جي موضوعن تي سوچيندو رهيس، وحدت نامو ڏٺم تہ سندس هي بيت پڙهيم:

ثابت سچل سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنين وساري، تنِ منَ متي اٹاسي

حقيقت ڏٺم تہ ڪجهہ حقيقت هيئن ملي :

جي اچين تان اچُ، نہ تہ هٽ سورن پچاڙيو،
محبت ٻاريو مچُ، سيني منجهہ سچوءَ جي.

تنهن کان پوءِ سسئي:

آهي ويچاري ڪا وس ميان، توکي معلوم مڙيوئي،
وينِي آهيان واٽ تي، گولي ڪجو گس ميان،
سارو وندرُ ووڙيان، ڏاها تنهنجي ڏس ميان،
ماڻهو شهر پنهور جا، روحَ نہ اچن رسِ ميان،
"سچو" پوءِ پرين ڪوٺ، آهي پنهوران بس ميان.

جيئن لطيف سائينءَ نوريءَ کي نياز جو نمائندو بڻائي، کيس انهيءَ نوڙت ۽ نياز عيوض بادشاهي بخشي چڏي هڻائين، تيئن سچل، ساري ڪينجهر کي سندس محتاج ڪري چڏي ٿو:

ڪينجهر سارو تو ڪيو، مون ميي سندو محتاج،
تنهنجو مون ڏانهن راج، مون ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جي.

جيڪي لطيف چيو، سچل اُهي پنڌ پيچرا ڪنيون پيو اچي. مارئي ڳائي ٿو، ته چئي ٿو:

قاصد آيو ڪو نہ ڪو، ۽ ڪونہ لکيائون خط.

پر سچل اڃان بہ اڳيرو آهي ۽ مومل راڻي ۽ ڳالهہ هيئن ٿو ڪري:

ڪاڪ پُڇندا ڪاپڙي، ويا اڏو پنڌ.
وڃي رسيا اُن هنڌ، جت مون تون آهي ڪاڻ ڪا.

سارنگ ۽ سندس رنگ چوڪو آهي:

والي وري تون، وطن تي وس ڪرين،
مينهن وسندي مون، سڄڻ ساريم سُپرين.

هت ڪجهه عجب پيو پانيان ۾ هيل ائين پيو لڳيم ته
ڇڻ ٿون نينهن لڳو اٿم. الاجي ڇو مون کي هن ويلي منظور علي
خان جو چيل ڪلام، ڪنن ۾ ٻُري ٿو:

جنهن دا عشق لڳا مين واريان،
رانجها تخت هزاري دا سائين.

تخت هزاري جو مالڪ رانجهو ڇو ائين پيو رڙي :

مالڪ تخت هزاري جو، رانجهو آءٌ راجا،
ڪاني مون کي قلم ۾، قُرب هنئين ڪا جا،
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هٿم لوح ۾.

جيئن جيئن رانجهو پڙهندو ويس ته هير من ۾ پيهي وئي:

تون تان ميڏا، مين تان تيڏي کهه گتان سپ کيڙي،
اڳڻ اسان ڏي آءٌ پيارل، لهه پون سپ جهيڙي.

سچل جو ڳايل هير- رانجهو سنڌيءَ ۾ هجي يا سرائيڪيءَ ۾، هو خود پاڻ ئي هير ۽ پاڻ ئي رانجهو ٿيو پوي. خاص ڪري سندس سرائيڪي ڪلام، رانجهي کي تخت هزارو ته هير کي جهنگ سيال جي سرزمين ۽ بولي پيو سڏي. يا محبوب کي ڳولي لهڻ وارو انداز ظاهر ٿئي ٿو. عام پيرائي ۽ هير جي مختلف پيرائين جي وچ ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. جيئن هير ۽

رانجهي جي وچ ۾ بہ ڪو فرق ناهي. هي قصو سچل ائين بہ ڪنيو آهي جو هي قصو صوفياڻي ورتاءُ جي خصوصيت اجاگر ڪري ٿو.

منهنجا سائين! رانجهي سان هير جي عشق جو پيچ ازل کان آهي:

ظاهر نہ هائي جڏهان ذات ڪيڙان دي، تڏان عشق رانجهو دالئيان،
در رانجهو مين وڪاڻي، ٻيان ڪيهيان اسان تي بيعان،
جنهن دي آهس روز ازل ڪنُون، وَس اُهين دي مين پئيان.

اها وس اُهائي آهي، جيڪا سسئيءَ وٽ آهي تہ سهڻيءَ وٽ آهي. ڪيڙن کي بن ڏئي، سپ عيش عشرت ڇڏي، هير جڏهن نڪري ٿي تہ چوي ٿي، تہ پل رانجهو گهٽ مال ملڪيت ۾ ئي هجي پر هو سندس آهي!

لوڪان ليکي چاڪَ مجهين دا، مين تا صدقي واريان،
مين نماڻي هير جٽي، تون صاحب تخت هزاري دا،
سهڻا مينون ايوين پاندا، جيوين گل هزاري دا.

اهڙيءَ ريت هير پنهنجن عزيزن سائين کي چڏي ٿي ڏي، بنهہ چرخي کي بَنُ ڪيو ۽ ساڙي ٿي چڏي :

آٽڻ وچون طعني ڏيون، ٻڌيان توڙي ڪنواريان،
ساڙ گهتان پچي چرخي ڪون مين، تاڙيان منيان اُڏاريان.

چا تہ رانجهي جي ونجليءَ جو بيان آهي. مون جڏهن بہ سچل سائينءَ جو هير رانجهو پڙهيو تہ سڌ ٿيم، تہ ڏسان تہ بين ڪيترن شاعرن هير رانجهو ڳايو آهي ۽ چا هير جو حُسن ۽ رانجهي جو راڄ پاڻ اُهوئي آهي، جيڪو سچل ۾ سمايل آهي. ان لاءِ

پهرين نظر شاه سائينءَ تي پئي، هير رانجهي جو ڪجهہ پُراڻو ڪلام ڏٺم پر جڏهن ليلا رام وٽان مل جا هي جملا سندس ڪتاب ۾ پڙهيم تہ بين شاعرن جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪيم. ليلارام لکي ٿو تہ:

This sur is in siraiki sindhi, and is very beautiful, but it is not our poet 's. Like the previous one, it is given in the Bhit Mss, as it was sung in our poet's time. I have, however, given the tale of the lovers in the next chapter.

اُها ڪهاڻي شاه جي رد ڪيل سُر سان لڳاپيل آهي پر هي اهڙي پيرائي ۾ ڏنل آهي، جنهن پيرائي ۾ سچل سائينءَ هن قصي کي کنيو آهي :

Heer was daughter of Mehar choochak, the chief of a village named Jhang Siyal, which is to the south_west of Lahore.

چوچڪ دي هڪ ٻيٽي آهي
هيري نانءَ سڏيندي.

When Hir saw Ranjhu come out, she fell madly in love with him, and he became equally enamoured of her.

سچل چوندو ٿو هلي:

چوچڪ دي هڪ ٻيٽي آهي، هيري نانءَ سڏيندي.
اکيان دا وت تير تهين دا، عاشق ڪون نہ جهليندي.
لک هزار جو عاشق ويندي، مزگان نال مَريندي.
جي تون ويکين تان سُڌ پوئي، موت ڪنون وڏ حالت هوويئي.

هير جي حُسن جي هاڪ آهي تہ هير لاءِ رانجهو سڀ ڪجهہ آهي:

اصلوڻ آهي نال رانجهڙ دي، پرت ميڏي ڪهڻي ڪهڻي،
مين تان رانجهڙ گڏ پيتوسي، ڪير مکڙ جهڻي جهڻي،
ٻولي جوڳي دِي دل ميڏي ڪَون ٻهون وَڻي وڻي.

شاه صاحب جي رد ڪيل سُر سان گڏ، ٻيا شاعر ڳولير تہ جهجها ڏنم. جن سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ۾ هير رانجهو ڳايو آهي. بيدل، روحل، مراد فقير، فقير حمل خان لغاري، فقير بيڪس، امام بخش خادم، سيد حيدر شاه، فقير غلام علي مسرور، خليفي نبي بخش جو ڪلام جهجهي انداز ۾ مليو اٿم. هير جهنگ سيال جي هجي يا رانجهو تخت هزاري جو، پر هي سندن عشقيہ داستان، هندي، پنجابي، سرائيڪي، اردو، پشتو، بلوچي ۽ سنڌي ٻولين کانسواءِ انگريزي، فرينچ، فارسي ۽ عربيءَ ۾ پڻ منظوم ڪيو ويو آهي.

معلوم ايئن ٿو ٿئي تہ هن داستان يا حڪايت تي ايترو تحقيقي ۽ تحريري مواد ملي ٿو سگهي، جيترو هن هند و پاڪ (Sub - Continent) جي ٻئي ڪنهن لوڪ داستان جي باري ۾ ملي نٿو سگهي. سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل "مثنويات هير رانجها" ۾ ڏسبو تہ سنڌيءَ ۾ لکيل چار مثنويون ۽ هڪ طويل قطعو ملندو. پهرين مثنوي عظيم‌الدين نٿويءَ جي آهي. هن ئي ڪتاب ۾ قادر بخش بيدل جو طويل قطعو پڻ ڏنل آهي.

خود صوبي پنجاب ۾، جتان جو عشقيہ داستان آهي، اتي لاتعداد شاعر ملن ٿا جن هير - رانجهي تي طويل نظم جوڙيا آهن. انهن ۾ دامودر، هري داس هريا، گنگ پٽ، باقي ڪولابي، پائي

گوردا س گنّي، ميان چراغ اعوان، حافظ شاهه جهان مقبل، سندرداس، سيد وارث شاهه، احمد بخش غافل، مولوي نورالدين مسڪين ۽ سيد ميرڻ شاهه جا نالا تمام اهم آهن.

مون ڪيترن هنڌن تي اهو سوال پڻي ڪيو آهي ته پنجاب جي هير رانجهي کي سنڌ جي شاعرن ايترو ڳايو ۽ ورجايو آهي، جيترو ڪنهن به قصي ڪهاڻي کي ناماچار نه مليو آهي ۽ هينئر هير ۽ رانجهو سنڌ لاءِ اوپرا نه آهن. آخر ڇو؟ ان لاءِ ڪن دوستن سبب ڏنا، ڪن سنڌ جي ماڻهن جي روشن ضميري ۽ وسعت قلبي جو ذڪر ڪيو ته ڪن وري انساني اخوت ۽ ادب جي بي تعصبيءَ واري رجحان جو ذڪر ڪيو. اها ڳالهه صحيح، پر منهنجي خيال ۾ انهن ڳالهين سان گڏ اهو ڪو بيو فهم هو. ان ۾ سرائيڪي ناتي جي اهميت ۽ نرالي حيثيت، سرائيڪي ادب جي اوسر، سرائيڪي بوليءَ جو عام جام وهنوار، بُلها شاهه ۽ غلام فريد جي ڪلام جي مقبوليت، پنجاب جو لوڪ ورثو، وارث شاهه جي سهڻي هير، سان گڏ سنڌ جي ماڻهن جي عشقيه انداز سان ٺهڪندڙ داستان، ان سان گڏ سنڌ جي ڪنڌ ڪڙيچ ۾ رهندڙ شاعرن جو انهن ڪردارن کي پنهنجو ڪري سندن سُونهن نروار ڪري بيهارڻ پڻ، تمام اهم ڳالهيون آهن. پر منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه، جنهن هير رانجهي جي داستان کي سنڌ ۾ لافاني ڪري ڇڏيو، اهو سچل سائين*جو مستيءَ ۽ رنديءَ وارو ڪلام هو سندس هير رانجهي لاءِ، اهو سنڌي ڪلام هجي يا سرائيڪي، ان ۾ مقامي اسلوب نمايان آهي. چاڪاڻ جو ان ۾ مقامي شاعري ۽ بوليءَ جا سڀ وسيلا ڪم آندل آهن. ان کان علاوه هو هير رانجهي کي بيان ڪندي، آفاقي ۽ لافاني عشق جو ذڪر ڪندي وچ ۾ يوسف زليخا جو ذڪر ڪري ٿو:

يوسف عشق زليخا دي وچ، آڻ بازار وچايا.

ٻئي هنڌ وامق - عذرا ۽ فرهاد - شيرين جو ذڪر ڪري ٿو:

وامق عذرا ڪارڻ ويڪو، ڪيڏا عشق ڪمايا،
درد ڪنون فرهاد، شيرين دي، ڪالا ٽڪر ٽُڪايا،

هير رانجهي کي امر ڪرڻ لاءِ ليلىٰ مجنون جي عشقيہ داستان کي اُهڃاڻ بڻائي ٿو:

ليلىٰ خاطر مجنون هويا، عالم وچ اداسي،
رانجهو تخت هزارون آيا، ڪَرڪي ويس سنياسي،
پانهيان دا پانها عشق ڪيتس، سچل تنهن دي نينهڙي.

مان وک وڌي ايئن بہ چوندس تہ همہ اوست واري ڪيفيت ۾ هلندي هلندي، سچل آخر آپي هير بڻجي ويو آهي ۽ آپي رانجهو بڻجي، جوڳيءَ جيان جوڳ ورتو اٿس. سندس هن سُر ۾ آلاپ، درد، هجر فراق، سونهن سوڀيا، خوشي ۽ غم جا جيڪي بہ ڏيک ڏيکاريا ويا آهن، سي هير رانجهي جي ان لوڪ داستان کي امر ڪري ڇڏين ٿا. هير، وارث شاهہ جي چو نہ هجي، رانجهو بيدل جو چو نہ هجي، غلام فريد يا بُلها شاهہ، ان جي عشق ۾ چو نہ غلطان هُجن، پر هت سچل جو، انهيءَ سهڻي جوڙي سان جيترو عشق آهي، اهو شايد ئي هن ڪن ٻين ڪردارن سان ڪيو هجي. شايد اهو سبب آهي جو سنڌ جي ٻين شاعرن بہ هير رانجهي کي ڳايو آهي، پر عام جام هي داستان جهر جهنگ، ڳليءَ ڳليءَ، وستيءَ وستيءَ، واهڻ واهڻ، جهونگاريو ڀٽي ويو آهي. ۽ اهڙي انداز سان جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بہ هن

داستان جو وقتي پڙلاءُ ملي ٿو. توڙي ڪٿي اُن ڪلام کي شاهه جو ڪلام نٿو چئي سگهجي، سچل جي شاعري ۾ سندس اهميت جي سلسلي ۾ آخر ۾ هي ٻه اکر ضرور چوندس جيڪي، ايڇ- ٽي سورلي جي ڪتاب شاهه عبداللطيف آف ٻٽ (Shah Abdul Latif of Bhit) تان ڪوريا اٿم.

Sufi poets of sindh about whom an immense modern literature is now poured forth, none are superior to Shah Abdul Latif and most, if not all, of them are later in date. Between the thirteenth century when Lal Shahbaz flourished and the eighteenth cetury when Shah Abdul Latif lived there is very little that can be said to securely established in the way of verified historical fact. Sachal Sarmast (The Intoxicated) is the best of these poets and he appears to have been born some time between 1739 and 1757 and is alleged as a boy to have met Shah Abdul latif.

شاه سائين ۽ سچل جو رڳو اهو واسطو نه آهي، اهو ناتو حقيقت ۾ تصوف واري وحدت الوجود واري فڪر وارو ناتو آهي. شاهه اونهو ۽ ملائم آهي. جڏهن ته سچل واضح، چٽو ۽ صاف آهي. سچل وٽ ابهام، علامتي، اظهار ۽ اشاري وارو انداز گهٽ ٿو ملي. سچل ڪيڏو شاهه سائينءَ وانگر رومانوي داستانن جو سهارو ونڊو پيو آهي، انهيءَ لاءِ ته وحدت الوجود واري موضوع کي ڪٿي ٻيو رخ نه ڏئي سگهجي. ان لاءِ ڏسبو ته رانجهو، کيڙو هڪ ئي وجود آهن. جهنگ سيال ۽ تخت هزاري ۾ منهنجا سائين! ڪوبه فرق نه آهي.

رانجهو کيڙا ڏونهين مين هان، هير رهي وچ ڪٿي ڪٿي،
جهنگ سيال تي تخت هزارا، ڏونهين ڏنم اٿي اٿي.

ببليوگرافي

1. Sorely, H.T: Shah Abdul Latif of Bhit; Oxford University Press, Karachi, 1966.
2. Lalwani, Lila Ram Watan Mal: The Life, Religion And Poetry of Shah Abdul Latif, Sang-e-Meel Publications, Lahore 1987.

۳- راڄپوري، محمد صادق حڪير: "سچل سرمست جو سرائڪي رسالو" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹۵۹ع

۴ -انصاري، عثمان علي: "سچل سرمست جو سنڌي رسالو" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد- ۱۹۵۸ع

۵- "مثنوبات هير رانجها" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(سچل سرمست جي عرس سال ۱۹۹۰ع جي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل)

سچل جو سچ

تاريخ هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ڪيترن شهنشاهن، بادشاهن، حاڪمن، مفڪرن، ليکڪن، شاعرن، مستن، مجذوبن ۽ شهيدن جي سچ ۽ ڪوڙ کي پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي.

مون تاريخ کي تاريخ ڪري نه پڙهيو آهي پر صدين کان ڏرتي تي جايل انسان جي کهاڻي ڪري پڙهيو آهي. چاکاڻ ته مان بنيادي طرح کهاڻيڪار آهيان. انڪري منهنجي لاءِ کهاڻي جي خاڪي کان وڌ، ان جا ڪردار اهم هوندا آهن، جن جي چرپر، هلت چلت سندن ڪردار کي واضح ڪري ٻيهاريندي آهي.

مون جيتريون ٻه کهاڻيون ڏٺيون ۽ پڙهيون ان ۾ جيترا ٻه ڪردار هيا، انهن مان ڊاڪٽر جيڪل ۽ هائيڊ جا ڪردار مون تي وڌيڪ چانيل آهن. چاکاڻ ته هڪ جسم ۾ سمايل نيڪي ۽ بدي جا ٻه ڪردار هيا. جن جي گفتگو نيڪي جي عمل ۽ بدي ڏانهن ڪنيل وک جي تضاد جو بيان آهي. جا نيڪي ساروئي سچ آهي، يا بدي حالتن پٽاندڙ سچ آهي. اهو انهيءَ گفتگو ۽ ڪردارن جي سياءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ ماڻهو سوچيندو رهي ٿو. سچ جي انهي شڪل پسڻ لاءِ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي وئي آهي. آسڪروائيلڊ جو ڪردار ڊورين گري سندس ناول "پڪچر آف ڊورين گري" جو حسين ترين شخص آهي. سندس ٻاهرين سونهن پسيو ماڻهو کيس نيڪ سٽو ۽ سچو پائي پيار ڪن ٿا. هڪ آرٽسٽ سندس خوبصورت تصوير ٺاهي ٿو. اها تصوير پسي ماڻهو ڏندين آڱريون ڏين ٿا. آرٽسٽ، ڊورين گري

کي چيو هو تہ هيءَ تصوير هڪ معصوم ماڻهو جي تصوير آهي، جيستائين تنهنجو اندر نيڪ آهي، بدي من ۾ نہ ائٽي، سمجهہ تہ هن تصوير جي سونهن برقرار رهندي.

ڊورين گري پنهنجي ٻاهرين سونهن تي نازان ٿي ڪري بيحد بد ٿي پيو. سندس هر عمل بدي وارو هيو پر هو ٻاهران سچو ۽ نيڪوڪار ٿيو گهمندو هيو. هڪ ڏينهن هن کي ان تصوير جو خيال آيو، جا ڪنهن ڪمري ۾ بند هئي. هن تصوير کي ڏٺو جيڪا سچي بگڙي پيانڪ ٿي وئي هئي، جيئن جيئن هو بديءَ جي ڪمن ۾ وڪوڙبو ويو سچ کان منهن موڙيائين تصوير ايڏي پيانڪ ٿي وئي جو هو سهي نہ سگهيو ۽ خنجر کٽي تصوير ۾ هنيائين. صبح جو ماڻهن ڏٺو تہ تصوير تہ ائين ئي هئي پر ڊورين گري مئو پيو هو. سندس سيني ۾ اهوئي خنجر لڳل هو، جيڪو هن تصوير ۾ هنيو هو. هيءُ تہ هيا ڪي نيڪي بدي جي ڪهاڻين جا ڪردار، سچ جي ڳولا ڏانهن وڌائيندڙ.

پر تاريخ ۾ جيڪي جيئرا جاڳندا ڪردار موجود آهن، اهي آيا سچ تي هيا يا ڪوڙ تي، جو سچو جهان تاراج ڪري چڏيائون پر چيائون تہ اسان سچ تي آهيون. ڪن مذهب جي نالي تي شهنشاهيت ڪئي ۽ انسانيت کي ڪٽو، ڪن بادشاهن بغاوت کي چٽڻ لاءِ باغي انسانن جا سر قلم ڪيا. ڪن مذهب جي نالي ۾ ملڪ فتح ڪري اتان جي ماڻهن جا مذهب بدلارائي سچ ۽ حق جو نعرو بلند ڪيو. ڪن سرعام ڦاهيون ڏياري، سچي قانون جو نعرو بلند ڪيو. چيو ويو تہ قوم کي گمراه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، سچ جي ڳولائو ۽ فڪر ۾ غلطان شخصن کي زهر جا پيالا پياريا ويا آهن. ڪن حاڪمن آواز بلند ڪرڻ، ڏاڍيان ڳالهائڻ، کي بغاوت سمجهي، ڪن جي چمڙي لهرائي، ڪن کي گهاٽي ۾ پيڙايو تہ ڪن جون چيون ڪپايون تہ ڪن جا سر قلم ڪرايا.

چا اسين تاريخ جي انهن ڪردارن کي نه ٿا سڃاڻي سگهون ته ڪير حق تي هو، ڪير ڏاڍ ڏمر جو سندرو ٻڌي ناحق ڪري رهيو هو. اسين ته سڀ ڄاڻون ٿا پر ان دور جا به ماڻهو جيڪي انهيءَ عذاب واري دور مان گذريا پر ڪڇي ڪير نه سگهيو. سچ ۽ حق جي شڪل ته واضح آهي پر جنهن جي هٿ ۾ تلوار رهي آهي، اهوئي ان وقت لوح قلم سمجهيو ويو. پر چوندا آهن ته قلم کي وڏي طاقت آهي ۽ تاريخ جيڪا تلوار جي زور تي لکرائي وئي قلم جي مس ان مٽان جيڪي لکيو اڄ اهوئي لوح قلم آهي. پر تاريخ جو سچ تيستائين سچ نه ثابت ٿئي ها جيستائين ڏاهه، مفڪر، سچ جا جاکوڙي سچ جي شڪل انسان جي آڏر پينٽ نه ڪري وڃن ها.

سچ، جيڪو لفظ ضرور آهي پر ان جي معنيٰ لاءِ ٻيو لفظ ڪونهي. ان لاءِ ارسطو، افلاطون، اڪليدس، ڪنفيوشس، گوتم ٻڌ ۽ ٻين به سچ جي شڪل ڏسڻ جي ئي ڪوشش ڪئي، ان جي اپڻار ڪئي ٻيو لفظ نه ڏنو ڇاڪاڻ ته سچ هڪ ئي آهي به ڳالهيون نه.

حضرت آدم عليه السلام کان وٺي، حضرت نوح، حضرت دائود، حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت يعقوب، حضرت يوسف، حضرت موسيٰ، حضرت سليمان، حضرت يونس سچ سمجهائڻ جي ڪئي. حضرت عيسيٰ جي ڪلهن تي صليب به سچ جي هئي.

سچ ۽ حق جو وڏو آواز اسان جو نبي، پيغمبر هو. ان سچ کي به پکيڙڻ ۽ اپڻار جي ضرورت پئي ته ڪئين اصحاب ڪرام، مفڪر، ولي به ميدان تي آيا. سچ جي سرڪيءَ ۾ مزو ته آهي پر ميدان ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن عرض ڪيم ته وقت، حالتون، حاڪم سندس شڪلون ڦيرائيندا رهن ٿا. تڏهن ڪيترا ئي سر ڦريا، سچ جي مڌ جا پيالا پيئڻ لاءِ ميدان ۾ لهيو

پون ۾ سرن جا سودا ڪيو سچ کي نروار ڪيو وڃن. ان ۾ ڪئين ئي سرمد، منصور، شاه عنايت هيا جن سچ لاءِ سر ڏنو، اهي صوفي بزرگ هيا. منهنجي نظر ۾ سچ جيڪو صوفي بزرگن نروار ڪيو اهو بيحساب آهي. ڪي نالا جيڪي سجهن ٿا اهي تري آيا اٿن. ابراهيم ادهم، بايزيد بسطامي، بلاول، بلهي شاه، حسين بن منصور حلاج، مولانا جلال الدين رومي، سرمد، شاه عنايت، شبلي، بوعلي قلندر، شمس تبريزي، شهباز قلندر، فريدالدين عطار، شيخ جنيد، شيخ هيڪل، صنعان، عبدالحق، عبدالخالق، عبدالله هروي، قاسم، ڪپاهي، قهير، ڪرمل، موسي مهدي شاه، نجم الدين اڪبر وغير آهن. سنڌ ۾ ڪئين صوفي پيدا ٿيا. پر جنهن سچ ۾ حق جي شڪل صاف ڪڍي بيهاري ۽ اڳواڻ جي حيثيت اختيار ڪئي، اهو هو لطيف سائين. شاه سائين جنهن فڪر ۾ غلطان هو سو اهو هو ته جيڪر انسان پنهنجي رب جي ڏنل مٽيا ۽ اندر جي اوجر سان پنهنجي دل کي حقيقت جو ديرو بٽائي ۽ ظاهر کان اڳيرو هلي ته هو پنهنجي اندر جو ڇڄهه معلوم ڪري سگهي ٿو. هو ان سچ ۽ حق جو رازدار بڻجي سگهي ٿو. شاه صاحب ان سچ کي حاصل ڪرڻ لاءِ وحدت الوجود وارو دڳ ڏسي ٿو، جنهن ۾ حق حقيقي هيڪڙو ئي آهي. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه ڏسي سگهجي ٿو يا ٻڌي ۽ سمجهي سگهجي ٿو، سو سڀ انهي هڪ وجود جي جدا جدا تجلين جو پرتو آهي. جيستائين انسان پنهنجي هستي هن هستي ۾ نه سمائيندو، اندر کي نه اجاريندو تيستائين سندس ڪو چارو نه آهي :

باهر زيب زبان سين اندر هچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناه وصال سين.

عشق پنهنجو اڳواڻ ڪرڻو آهي ۽ انسان کي نفس کي بـ نهوڙڻـو آهي :

گندي ۽ گراه جنين سنياسين سانديو،
انهن کون الله، اچا آکاهون ٿيو.

شاه سائين سچ ۽ حق جي ڳولا لاءِ جيڪا واٽ ورتي هئي ان لاءِ هن عام انساني ڪردار کنيا. جن ۾ ڪا سچي سهڻي هئي تہ ڪا موهڻي مومل، جي ليلائڻ واري ليلا هئي، تہ نئڙت نياز واري نوري بہ هئي. سندس راڻو هجي، يا چنيسر، پنهل هجي يا ميهر، ٻيجل هجي يا راءِ ڏياچ، اهي سڀ سچ جي علامت بڻجي، سندس ڪلام وسيلي نہ رڳو سنڌ، پر سڄي عالم ۾ سچ جي صورت بڻجي سڄ جا مبلغ ٿيا.

تون جا پائٽين موج، سامڙيائي مهراڻ ٿي،
هي انهن جا اوج، جن سنبت سوريءَ پار ڏي.

حق ۽ سچ لاءِ شاه سائين سوري ۽ سچو سارو مهراڻ آڏو ڪري ٿو. انهن ڪردارن جي جدوجهد جي باري ۾ پروفيسر بڻاڻي پنهنجي ڪتاب The Melody and Philosophy of Shah Latif ۾ چئي ٿو:

From this follows logically the absolute determinism that characterizes all of Shah's poetry but along with this determinism is also the relentless struggle to go forward. Shah was all for Persistent and relentless struggle. They are all females (except Rai Dyach Who is class by him self) driving them on the passion of love through an orbit of experience to the ultimate intensity of fulfilment. There is catharsis, of course, death also, but nevertheless no tragedy. Infact Sasui is inviting death to come back so that she could have ride on it.

سچ ۽ حق جي مراد ماڻڻ لاءِ موت مهڻو نہ آهي.

شاه سائين ان سچ کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ چيو:

اندر ڪارو ڪانءُ، باهر ٻولي هنج جي،
اهڙو ٻاهو ٽانءُ، پيچي چو نہ پورا ڪرين.

درازن جي هڪ ٻالڪ جنهن کي شاه سائين ڏسندي ئي سندس ڀهڪندڙ پيشاني ڏسي جاتو تہ هيءُ نينگر، ان لڪل سچ تان پردو کڻندو ۽ ديگڙي تان ڍڪڻ لاهيندو.

سچل نسورو سچ ٿي نروار ٿيو ۽ نہ رڳو حقيقت عيان ڪيائين، ديگڙي تان ڍڪ کنيائين. پر:

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي،
مار نغارا اناالحق دا، سولي سر، چڑهيجي،
وچ ڪفر اسلام ڪڏاهان عاشق تان نہ اڏيجي،
سبحاني ماعظم شاني، سچو سر سليجي.

سچ لاءِ بنهہ "آپ" ٻڌجي خلق خدا جي ڏکن ۽ تڪليفن کي دور ڪجي ۽ ڏاڍ ڏمر لاءِ آواز ٻڌجي وادين ۾ ڦهلجي ويجي.

انهن ٻنهي صوفي بزرگن ان ڳالهہ کي چڱي طرح محسوس ڪيو ۽ سچ جنهن جي صورت انهن حالتن پٽاندڙ نڪري نروار ٿئي ٿي، اها ڪچڻ جي بات هنن جوئي ڪم هو.

لطيف ۽ سچل ۾ گڏيل قدر اهي آهن جو هو ٻئي سرمائيدارانہ ۽ جاگيردارانہ نظام جي انهيءَ پرآشوب دور جي پيداوار آهن: جڏهن هڪ طرف ڪلهوڙن جو راج هو، ٻئي طرف مذهب جي علمبردارن طرفان وچايل جار ۽ ڪوڙڪي ۾ قاتل آدم، آدم زاد ڦٽڪي رهيو هو. سچل تہ آدم کي جاڳائڻ جي

ڪئي:

عشق ٽي انسان، آيو سيلاني سپرين،
صورت ۾ آدم جي آدم دم مهان،
سچو تون سلطان، ستگر سچ سڏايو.

سچل لطيف کان پوءِ جي دور ۾ اچي ٿو، ظلم ڏاڍايون دنگ ڪن ٿيون. تاريخ پاسو ڦيرائي ٽي ۽ سچل مام واري مارئي ڳائڻ کان پاسو ڪري بنهه پڙ ڪڍيو بيٺو آهي.

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي،
يا
سچو سچيءَ ڳالهه ۾ ڪهڙو ڪيم گناهه.

لالچند امر ڏنو مل پنهنجي ڪتاب "سونهارو سچل" ۾ لکي ٿو ته: "شاه لطيف بـ غضب جو صوفي ٽي ويو آهي پر نفس ڪهڙو نپٽو آهي ڪيئن ان کي نهوڙي نجي تنهن جو وستار، هن گهٽو ڪيو آهي . سچل طريقت کي بـ ترڪ ڪري، گهٽو تٽو حقيقت ۽ معرفت کي لڳي ويو. شاه لطيف شينهن وانگر ڳورو ڳنڀير آهي ۽ جهنگ مايا ۾ پنهنجي حيثيت سان نفساني جناورن تي جمايو ويٺو آهي. سچل شڪرو شهباز آهي ۽ نت پنک پکيڙيو هوا ۾ پيو اڏامي. شاه لطيف ڪڏهن ڪڏهن هڪڙيائي گجگوڙ ڪري ٻڌائي ٿو ته آءٌ ڪير آهيان. سچل نت زور شور سان سيٽيون وڄائي سڏائي ٿو ته آءٌ چا آهيان."

منهنجي نظر ۾ سنڌ جي صوفين خاص طرح لطيف ۽ سچل سڄي دنيا جي صوفين کان الڳ سچ ۽ حق جي سايي ۾ فضا ٺاهي آهي ۽ الڳ فلسفو ٺاهيو آهي. هنن ٻين صوفين وانگر دنيا کي تياڳڻ يا ويراڳي ٽيڙ جو ڏس نه ڏنو، پر هنن ڏرتيءَ ۽ ان جي

رهواسين سان رشتا ناتا جوڙيا. انهن جي گوندر غم جو فڪر ڪيو ۽ ان ۾ شريڪ رهيا.

"گوندر غم ويام، جڏهن ٽيس هيڪاندي هوت سين."

سچل اهوئي سچ ڳايو جيڪو ڪيس ورثي ۾ مليو. پر سچل جيڪي ڏٺو ۽ تاريخ جي تسلسل کي پسيو تہ سنڌ سان ڏاڍا ڪيس ٿي چڪا هيا.

جيڪي ڏٺو سو مون ڏٺو، آرياڻي اوهان چا ڏٺو.

سنڌ هزارن سالن کان ٻاهرين حملي آورن جا گهاوَ سهندي رهي آهي. سڪندر اعظم کان وٺي ڪهاڻي ڪٽجي تہ ان ۾ علاوالدين خلجي، نادر شاه، احمد شاه ابدالي ۽ شاه شجاع سنڌ ۾ قرلٽ ۽ مارا ماريءَ جا مثال قائم ڪيا. سنڌ اندر ڪلهوڙن، تالپورن ۽ دائودپوٽن جي اٽٻٽ ۽ جنگين، سنڌ ۽ سنڌين جي نہ رڳو زندگي زهر ڪري ڇڏي، پر ٻاهرين کي بہ سڏي سنڌ تاراج ڪرائي. اهڙي دور ۾ سچل اڪ کولي ۽ هو پهريائين تہ ڏکويل رهيو:

والي وسائيج دردمنديءَ جو ديس،
پرين مون پرديس، اُني ايندم اوڏڙا.

پوءِ سچل محسوس ڪيو تہ اهو نئون نسرندڙ سماج آهي جنهن ۾ حاڪم ۽ سندس تخت پٽيان ريتن رسمن ۽ رواجن جو ڪرتا ڌرتا، اهو سربراهه آهي جنهن جي خلاف جنگ جوٽجي. سچل سماج ۾ جيڪي بہ اوٽايون پسيون ان خلاف جنگ جوٽي :

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿيئن مردانو،
پاڻ بيگانو مول نہ چاٽين، آهين يار يگانو،
وهم سچل کي ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

هو هر ڳالهه کان پڻ آجو هو :

ڪو ڪافر چوي ڪو مومن چوي
آئون جوئي آهيان سوئي آهيان.

عثمان علي انصاري هڪ هنڌ لکي ٿو ته :"سنڌ جي ادبي دنيا جو هيءُ هڪ روشن ستارو آهي، جنهن کي زاهدن جو هڪ ٽولو تحسين جي خراج ڏيڻ ۾ بخيلي ڪندو رهيو آهي. ڇو ته سندن اعتقادن کي سچل جي هئڻن بيتن کان ٻيس لڳندي رهي آهي :

"ملان مار ۾ مون، مان سبق پڙهان ڪين سجڻ ڏسان"

مون منڊ ۾ عرض ڪيو ته سچ جي لاءِ ٻيو لفظ نه آهي. تنهن ڪري سچ جي اپتار ڪرڻ لاءِ ڪيئي دفتر ڪپن. ڪيئي ڪردار، اداڪار ڪپن جيڪي پنهنجو ڪم سهڻي نموني سان ادا ڪري سچ جو اهجاڻ ٻڌجي چمڪن.
شاه سائينءَ کي به الائي ڪيترن ڪردارن جي ضرورت پئي. بٽاٽي پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ چئي ٿو ته:

However Shah's tale is not the shakespearian type. There is in fact no tragedy: Shah never wrote on . . . In these dramas it appears as though Allah is driving his heroines

ع شاه وٽ رب جي ذات ٻي ڪابه ناهي، دوئي ناهي حق مڙوئي هيڪڙو آهي ع شاه اندر جيڪو ويٺو آهي، اهوئي سندس ڪردارن جو اَمين آهي. سچل ان کان وڌ چيو:

آهيان آئون اسرار، اديون ڪير ٿيون پانيو،
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مارمَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي.

تنهن ڪري انهن ڪردارن پنهنجو پنهنجو ڪم سهڻي نموني ادا ڪيو ۽ ائين سچ جو حق ادا ڪيو ۽ سچ ۽ حق بڌجي آڏو آيا. جن جو اَمين شاهه سائين هو. ان ۾ سورمين سان گڏ سورما آهن. انهن ۾ پيا وڌا ڪردار راء ڏياچ ۽ ٻيجل جا آهن. انهن سان گڏ مورڙو، موکي متارا ۽ پيا آهن.

سچل سائين وٽ به مارئي آهي، نوري آهي، سسئي به آهي، مومل به آهي، پر سچل انهن زندهه جاويد ڪردارن کي وڌائي ڪنيو آهي، جيڪي تاريخ ۾ سنگ ميل جيان اڌول ۽ ثبت ٿيل آهن. ڇو جو سچل کي سچ نروار ڪرڻو هو ۽ سچا پچا ڪردار، جن عملي طرح سان سچ ۽ حق لاء سور سٹا، سوري چڙهيا يا سچ ۽ حق جو پرچار ڪيو. انهن ۾ وڏو ڪردار منصور جو آهي، جنهن کي ٻين به ڳايو آهي پر سچل ڪيس پڙ تي ڪٹي آيو آهي ۽ پاڻ ساٹس گڏ، جڙ سوريءَ تي پيو نچي :

منصوري آهي راهه اهوئي، جوش تنهن ۾ ۽ جولان،
منصوريءَ جي موج ۾ ٿو "اناالحق" الايان.

هڪ هنڌ چئي ٿو:

مڙس ٿي منصور ڇؤ، نه ته ڪير چو منصور آن،
منصور جي منزل اتي، ڏاڍا تماچا تهمتان.

منصور جي "اناالحق" نعري تي فتوائون ڏئي، سندس چمڙي لهرائي وئي. تنهن ڪري سچل جي سڄي نظر سندس ڪٹن

تي آهي.

وس نہ هو حلاج جو، ڪوئي محبتي مخمور هو،
سر نہ جي سوريءَ ڏنائين قرب ۾ ڪو قصور هو.

چيٺمل پرسرام پنهنجي ڪتاب "سچل سرمست" ۾ لکي ٿو تہ: تنهن ڪري اي عاشق! شهادت ڪر قبول :

اس بازي ۾ سر بازي هئي
سر ڏيوڻ سرفرازي هئي.

انهي سر ڏيڻ ۾ هنن کي وڏي خوشي آهي ۽ ڪو غم نہ آهي. اهي منصور ۽ حسن، حسين جا مثال وٺيو سچل بيخود ٿيو وڃي ۽ انهيءَ وقت سندس ٻاڻي حيرت جهڙي ٿيو پوي.

محبت عشق مولا جي گهٽا سي گهوٽ گهايا هٿا،
مٽا ميخاني تي مستن، وٽيءَ جي وٽ وڃايا هيا.

سچ ۽ حق جا اَمين سچل سائين ڳولي ڪڍيا. حسن ۽ حسين جي قرباني متس گهٽو اثر انداز آهي:

"حسن مارايئ، حسين مارايئ، ڏيئي جيءَ جفا"

اهو سچ جو عشق هو ۽ عاشق سچ چوڻ کان رهي نہ ٿا سگهن. منصور ۽ عيسيٰ جو سوريءَ تي چڙهڻ، شاه عنايت جي سر وڍجڻ، اهي سڀ سچ کي چٽو ڪري بيهارڻ جا اسرار آهن. سچل سائينءُ جو سچ اهوئي آهي، جو هو سچ جي علمبردارن جو مبلغ آهي:

دم عشق جس ني ماريا، اس ڪل پڙي هي ڪاري،
سرجان صدق سجن پر، سچو سرير سارا.

حقيقت ۾ سچل اهڙو اسرار ڏڻو هو، جيڪو ويڪيو هر ڪنهن هو، پر ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍي هئي. سچل ان اسرار لاءِ ٻاڦ دمي نه ٿو ۽ چوي ٿو:

اس چشم موري ني ايسا اسرار ديکا ٿا،
بيچ ابرڪي آفتاب ڪا انوار ديکا ٿا.

سچل جي سچ جي ڪهاڻي طويل آهي، هو اهو سچو بادشاهه آهي: جنهن حق، سچ ۽ انصاف لاءِ نه رڳو علم بلند ڪيو پر اهڙي جنگ جوڻي جو، جيڪي سچ جا اهڃاڻ آهن، اهي مري ٿيا نه مات، ۽ جيڪي هوندا، سي هميشه "هونداسي حيات" :

آهيان دي وچ ناهيان، نا آهيان دي وچ آهيان،
اها ڪجهي ڪجهارت ڪايان، گم هوئي لک پاتشاهيان.

(سچل سرمست جي سالياني عرس سال ۱۹۹۱ع تي پڙهيل)

آري اچين شال

انسان جي کهاڻي ايتري پراڻي آهي، جيترو سندس وجود. هن کهاڻي جو پهريون امين حضرت آدم عليه السلام کي چيو وڃي ٿو. جنهن جي کهاڻي پيار ۽ محبت کان شروع ٿئي ٿي. يي يي حوا ان کهاڻيءَ جو ٻيو ڪردار آهي. هن ڌرتيءَ تي پيار محبت ۽ امن آشتي جي رشتن جي تخليق ٿي ته ان سان گڏ نفرتن ۽ ڪدورتن به جنم ورتو. هر رخ کي ٻه پاسا آهن. اوندهه آهي ته روشني به. انسانيت آهي ته حيوانيت به ان سان گڏ جنم وٺي ٿي. حضرت آدم جي کهاڻي جا ٻيا ڪردار هابيل ۽ قابيل آهن. جيڪي انسان جي اندر وقت به وقت پيدا ٿيندڙ تضاد کي بيان ڪن ٿا. ان تضاد جو ڪارڻ هدايت ۽ رهبريءَ کي اورانگهي اڳتي وڌي وڃڻ جو نتيجو آهي ۽ هن ڌرتي تي پهريون قتل ٿئي ٿو. اهو قتل ڪئين قتلامن کي جنم ڏئي ٿو ائين هيءَ کهاڻي پيار، محبت، امن، آشتي سان گڏ حيوانيت ۽ گمراهي جي کهاڻي بڻجي، تاريخ جي صفحن تي ڦهلجي وڃي ٿي. رب، انسان جي ٻئي تاريڪ رخ کي جلال سان نہ پر جمال سان ڏڪيو ۽ وقت به وقت هن ڌرتي تي ڪئين پيغمبر موڪليا. آسماني ڪتاب موڪليا. ان مان ڪئين شاخون ڦٽيون. پر هن ڌرتي تي جيڪو پهريون رت وهيو هيو، اهو ڪڏهن نہ سڪو. انسان پنهنجي ڪرت ۾ ڏينهن ۽ رات واري تضاد کي قائم رکيو ۽ ڏٽي پنهنجي ڪرت ۾ هن ڌرتي تي سڀائي، سپتيائي، سچ ۽ حق جو علم بلند ڪرڻ لاءِ جيڪي سندس صفتون پڙ آهن، نبين پيغمبرن سان گڏ لامحدود ولي الله، مفڪر ۽ شاعر موڪليندو رهيو. چاڪاڻ ته:-

صورت سڀ انسان آڻي عشق اصل،
خلق آدم عليٰ صورته جزو جهڙو ڪُل،
الانسان سري وآنا سره، سچ "سچا" پيو سل،
پول نہ پي تون پل، هِتي هُتي هڪ اٽي.

هن ڌرتي تي جنهن فڪر بہ جنم ورتو اهو انهي ڪٿتي ۾ غرق هو تہ انسان پاڻ سڃاڻي، جنهنجو هو تخليق ڪيل آهي. انهن ئي وصفن سان هن ڌرتي کي اجاري.

پاڻ سڃاڻ آيو، سو پلي آيو ڪم نہ هُيڙس ڪو ٻيو،
پاڻئون ڇاڻي پاڻ سان هت، لنوَ تہ لاڻ آيو.

انسان ۾ غير برابري، غير متوازن هجڻ جو لاڙو تڏهن پيدا ٿيو جڏهن هن دنيا جي رنگين مزن ۾ پنيلجي هڪ ٻئي جي وجود کي فنا ڪرڻ لاءِ رستو ڳوليو. حقن تي ڏاڙا، ٻئي جي جياپي کي پنهنجي وجود لاءِ خطرو سمجهڻ، مان ئي مان هجڻ جي لاءِ هُن هيءَ ڌرتي ٽامٽي ڪري ڇڏي. ڪائنات جي هر شيءِ ۾ ڪثرت جا ڪئين فرق قائم ڪيا ۽ سيني شين جون الڳ الڳ حيثيتون مقرر ڪري، غير برابري تي ايمان آندو. ائين جنگ جدل، ڏاڍ، ڏمر جو بنياد پيو.

اسان جي نبين پيغمبرن جي مٽ محبت، امن ۽ آشتي جي پيغام کي اڳتي نيڻ لاءِ جنهن فڪر وڌيڪ ماڻهن تي اثر ڪيو اهو هو صوفي فڪر. صوفين جي فڪر جڏهن قرآن جي فڪر کي سولو ڪري ماڻهن کي پڙهايو تہ ڪئين پوئلڳ ٿيا. امن جا پيامبر ٻڌيا. ائين امن ۽ آشتي ۾ ايمان آڻڻ وارن جو تعداد وڌيو. امن آڻڻ جو فڪر ڪو سولو فڪر نہ هو. ان لاءِ پهريان ئي پاڻ مارڻ وارو سبق پڙهڻو هو. مان ٻيو ۽ هو ٻيو وارو خيال دل

مان ڪيڏو هو. ان صوفي فڪر جي ڪهاڻي بہ ان ڏينهن کان شروع ٿي ٿئي، جنهن ڏينهن کان انسان جي ڪهاڻي. مفڪرن پيامبرن جا ڪردار، ان ڏينهن کان جنم وٺن ٿا جڏهن کان، هن ڌرتي تي رب جبار پيغمبر موڪليا ۽ آساني ڪتاب موڪليا. هي پيغمبر، هي ولي، هي صوفي، هي مفڪر، هڪ ئي سلسي جي ڪڙي آهن :

عرش منجهارون الهي هت ورهہ وسائڻ آيو،
سوليءَ تي منصور ٿي هت، سر سلائڻ آيو،
سچو وري سنسار ہ، هت پير گهمائڻ آيو.

سچل سائين بہ انهي لڏي جو پيامبر صوفي فقير آهي، جو هت پير گهمائڻ آيو.

سچل هن ڌرتي تي عشق ۽ امن جو پيامبر بنجي آيو. هن سيني سماجي قدرن ۽ بندڻن کي ٽوڙيو: ان لاءِ تہ ان جو بنياد، مان پيو ۽ هو پيو تي پيل هو. هن پهريان ئي امن جي بنياد وجهڻ لاءِ پنڊت، پادري، ملا ۽ مهنت جي مدي خرچ تاويلن ۽ تشريحن کي رد ڪيو. هن انسان کي پاڻ اعليٰ ۽ افضل سمجهائڻ لاءِ ۽ سڀ فرق مٽائڻ لاءِ چيو:-

آپي شاهہ، آپي گداءُ، آپي امير امراءُ،
آپي ڏيءُ، آپي پيءُ، آپي پٽ، آپي ماءُ،
آپي جوءِ، آپي مڙس، آپي پيڙ پاءُ،
آپي موج، آپي لهر، سچل آپي دم درياءُ.

سچل اهڙين ڪيفيتن سان سرشار آهي، جيڪي ڪيس هن ڌرتي تي امن ۽ پيار ڦهلائڻ لاءِ بخشيون ويون آهن. هو

هن ڏرتي تي پيل غلط روايتن کان هڪ باغي شاعر آهي. هو اهڙي مالڪ جو پيامي آهي، جتان صرف محبت ۽ پيار جا چشما ڦٽن ٿا.

We became neither Sheikhs, nor Makhdums,
Neither Kazis, nor Mullas, nor Preachers,
We contrived no devices of these hypocritical creeds,
Sachal! we have learnt noting but the art of God's love.
(K. Advani)

هو پيار جي پيغام لاءِ چوي ٿو تہ:-

Behold the miracle of love! it absolves us of all religions.
(K.Advani)

مذهب جي هاڃيڪارين کي محسوس ڪندي چئي ٿو:

مذهبن ملڪ ۾ ماٺو منجهايا،
"مذهب مور نٽو ميان،
آءٌ مشرب منجهه مدام."

ان کان اڳتي وڌي چئي ٿو:-

عشق لڳيئي تاڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين.

هڪ هنڌ وري چئي ٿو:

ڪر نہ سو عاشق ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي،
ڪڍ ملامت ڪا مٿي، مَرُ ڏيهه تو طعنا ڏئي.

سچل سائينءَ اها ملامت مٿي تي چو کنئي؟ انسان ذات کي انهيءَ تاريڪ راهن کان ڪڍي اڇي سڌي رستي تي

بيهارڻ لاءِ هن سر جو سانگو لاهڻ لاءِ چيو:

جي هجين عاشق تہ برسر، مينهن محبت جو وساءِ،
ساهہ جو سانگو ڪرين تان، پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ.

هيءُ انسانن سان عشق، هيءُ پيار ۽ محبت جو پيغام؛ حقيقت ۾ ان امن ڏانهن وک هئي جنهن لاءِ نہ رڳو سچل آتو هو، پر ان جي شروعات لطيف جي ڏينهن ۾ شروع ٿي چڪي هئي. لطيف ۽ سچل جي فڪر ۾ هم آهنگي، اڪثر نيٺ جا پنڌ پيچرا تقريباً ساڳيائي آهن. ماٺهن سان محبت، ڏاڍ ڏمر خلاف جنگ، انسان اندر ٽينڊڙ پيڄ ڏاهہ ۽ نيڪي ۽ بدي جي ويڙهہ لاءِ نصيحتون، "مون ۾ آهين تون" وارو لطيفي سبق سچل بہ هيئن پڙهائي ٿو:-

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.

اهي ڪيفيتون، حقيقت ۾ ان وقت سنڌ ۾، جيڪي سياسي ۽ مذهبي حالتون هيون، ان جي نشاندهي ڪن ٿيون. منهنجي نظر ۾ لطيف ۽ سچل سنڌ تي جيڪي ٿيو بي؛ يا جن جو لطف ۽ ڪرم رهيو يا جيڪي سچ هو يا حقيقت هئي ان جو آواز آهن. لطيف ۽ سچل سنڌ جي ماضي ۽ ان وقت جي حال جو ردعمل آهن. ارغونن ترخانن واري دور کان ڪلهوڙن تائين واري دور کي ڏسجي. يار محمد ڪلهوڙي کان نور محمد ڪلهوڙي تائين ۽ انهن ڏينهن ۾ نادر شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ. نادر شاهہ سنڌ جي حاڪم نور محمد ڪلهوڙي جا بہ پٽ يرغمال ڪري وٺي ويو. انهيءَ صورتحال تي ڊاڪٽر درشهوار پنهنجي ڪتاب

(The Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai) ۾ لکي ٿي:

"The great Sindhi poet, Shah Latif who forms the subject of this study, was destrined to experience the impact of internal political weakness within the sub-continent, as well as the effect of attacks from Muslim neighbours from Iran and Afghanistan.

پير حسام الدين راشدي سنڌ جي تاريخ بيان ڪندي چئي ٿو:

"ڏهين صدي هجري سنڌ لاءِ ڏارين جي تسلط زور زبردستيءَ ۽ تمام ڏڇي جي صدي هئي. جنهن بعد ادائي سؤ ورهين تائين سنڌ غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙي ڪاڻ سگهي. انهن ادائي صدين جي مايوس ۽ پراون جي غير شريفاڻ سلوڪ، سنڌي عوام جي ذهن، فڪر، حوصلن ۽ همتن کي ايترو ڇيهو رسايو جنهن جا اثرات اڄ تائين مختلف صورتن ۾ سندن مزاج ۽ طبيعت تي اثر انداز رهندا اچن ٿا. ارغونن جي ابتدائي حڪومت، ترخانن جي زور زبردستي، مرزا باقي ترخان ۽ محمود بکري جي ظالمانه گرفت، ازانسواءِ خراسان مان لاتعداد اميرن، صاحب اختيار ۽ اقتدار جي آمد، سنڌ جهڙي نندڙي، امن پسند ۽ مائيٽي سياءُ واري ملڪ لاءِ درحقيقت هڪ عذاب، قهر ۽ خدائي ڪوپ هو. جيڪو هتان جي گهرو جهگڙن جي نتيجي ۾ قدرت طرفان سزا طور نازل ٿيو. جنهن جو نتيجو اجتماعي خواه انفرادي سمورو سنڌ کي پوگٹو پيو."

متين صورتحال کي ڏسي ائين چيو ويو ته اسان جي عظيم شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي پاڻ پنهنجي اکين سان سنڌ ۽ سنڌي سماج جي انهن پوٽن ۾ سؤ سالن جي غلامي جي پوين ۴۷ سالن جي عرصي کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ان جو مشاهدو ۽ تجزيو ڪيو. اسان جو سچل سان انهي سلسلي جي ڪڙي آهي. ڊاڪٽر عطامحمد حامي پنهنجي ڪتاب "نيهنن جا نعرا" ۾ لکي ٿو:

"سچل سائين انهيءَ زماني ۾ پرورش پاتي جيڪو

سياسي لحاظ کان پرآشوب هيو. شاهه عنايت جهوک واري ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جي ياد پراڻي نه ٿي هئي. کيترا ماڻهو جيئرا هيا. جيکي متئين واقعي وقت موجود هئا. ميان غلام شاهه کلهوڙي ۽ سندس پاءُ عطر خان جي ويڑهه، مير بهرام خان جو پنهنجي پٽ مير صوبدار خان سميت بي دردي سان قتل ٿيڻ، ميان سرفراز جو شهيد ٿيڻ ۽ مير بجار خان جو دغا سان قتل ٿيڻ وغيره سمورا واقعا سچل سائين جي وقت ٿيا. انهن کان سواءِ کلهوڙن جي کمال جو سج لهڻ ۽ تالپرن جي اقبال جو آفتاب اپرڻ، سچل سائينءَ پنهنجي اکين سان ڏٺو. هيءُ اهو زمانو هيو جڏهن مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ اچي پنهنجي قهر جو طوفان کڙو کيو هو."

متين صورتحال ٻڌائڻ جو مقصد اهو هيو ته سرمد هجي، شاه عنايت شهيد هجي، لطيف هجي يا سچل. اهي وقت ۽ تاريخ جو اهڙو پڙاڏو آهن جو اڄ به سندن فکر کي وقت جي ضرورت سمجهي، سنڌ جو ماڻهو اهو فکر، اها سوچ پنهنجي کري، اها وات وٺڻ چاهي ٿو جيکا کين حق، سچ، پيار، محبت ۽ امن ڏانهن نيئي. سرمد، شاه عنايت ۽ بين صوفين تي جيکو ملک ۽ ماڻهن جو بار هو ان کان وڌ لطيف تي پيو، جو هو اهو لقاءُ ڏسندو رهيو. سچل تي وقت جو بار اڃا به وڌ رهيو جو هو انهي دور تائين ڏاڍ ڏمر بدامني قتل غارتگري ڏسندو رهيو. هو وڌيک باغي هو انهي سماج کان جيکو ناانصافي مذهبي متيبد کوڙ ۽ کپت تي بيٺل هو. هن آدم جي کهاڻي اصل سمجهي هئي جتان شروعات ٿي هئي:

الف مون آدم ٿيو، کري هنگاما هل،
هندو مومن سو ٿيو، پول نه پئي کنهن پل،
خلق الاشيا فهوعينها، ايهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مر مارينئي منصور جيان.

سچل جو گلابي گل ٽيڻ جو تصور بہ منصور سان لاڳاپيل آهي. منصور جنهن جو فڪر ناقابل شڪست رهيو. سچل گلابي گل ٽيڻ لاءِ تہ چيو، پر اڄ تائين گلابي گل ٽيڻ لاءِ ڪنهن ويچاريو آهي! اڄ اسان تي سچل ڪان بہ وڌ بار آهي. اسان سچل ڪان پوءِ ڪيترن سو سالن جي تاريخ جا امين آهيون. جيڪا تاريخ، هابيل ۽ قابيل واري قصي کي دهرائيندي اچي، جيڪا تاريخ وهيل رت سڪڻ نٿي ڏئي. انسان ذات جو رت وندو رهي ٿو. اهي ئي حقن تي ڏاڙا، اهي ئي ڏاڙيل، اهي ئي قزاق، اهي ئي ڏاڍ ۽ ڏمر جا ڏهڪاءَ. هر انسان شاه عنايت وانگي شهيد ٿئي ٿو يا بلاول وانگي گهاٽي ۾ پيڙبو وڃي ٿو؛ پر شهيد ناهي ۽ گمنامي جو موت سندس مقدر آهي.

هن سماج جو پورا ٽيڻ، اها غير برابري ۽ گمراهيءَ واري واٽ وٺي وڃڻ جي ڪري آهي. هر دور ۾ نبي پيغمبر آيا. انهن ڪان پوءِ ولي، مفڪر ۽ شاعر آيا. سرمد، شاهہ عنايت، لطيف، سچل، سامي، بيدل ڪان پوءِ ماڻ وٺيو وڃي.

ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي خلق اڳيان خاموش،
نہ عبرت، نہ غيرت آهي، حيراني حيرت.

اڄ اسين سڀ پاڻ حيرت جي تصوير آهيون. لطيف ۽ سچل اسان وٽ آهن پر نہ اسان وٽ امن، نہ پيار خلوص، نہ سچ، نہ حق. چا وري ڪو لطيف اچي يا سچل اچي؟ چا هيءُ ڪلام سڀ لطيف ۽ سچل جو پرتوَ نہ آهي؟ سندن وجود جو اهجاڻ نہ آهي. پوءِ ڇو اڄ اسين سياسي مصلحتن جو شڪار آهيون. ڇو نہ اسين سچل وانگر اهو چئون تہ:

سچ تہ مرد چون، ڪنهن کي وٽي نہ وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻڌي نہ ٻڌي.

مان انهي انسان، انهي آدم جي ڪهاڻيءَ کي هت ختم ڪريان ٿو. جنهن جي فڪر کي اڏوهي وئي ويئي آهي. هو عظيم صوفي شاعرن ۽ مفڪرن جي فڪر کي وساري ويٺو آهي ۽ وٺس لڳي ٿو ته اٽڪٽ تاريڪ رات آهي. باک ڦٽڻ لاءِ وري به هن کي انهن صوفي شاعرن، مفڪرن ڏي وڃڻو پوندو. هن دور جي انهن عظيم شاعرن ڏانهن وَرُ وَرُ ڪيو بيوسي مان نهاريان ٿو:

آري اچين شال، نماڻائي جي نجهري،
هيءُ مون ڏسي حال، ڪرين غور غريب تي.

انسان جو حال به حال هجي، اسين پنهنجو پاڻ سڃاڻون ته بسم الله ئي بس آهي. سچل انهي سڃاڻ ۽ قدر لاءِ چوندو وڃي ٿو ۽ چوندو رهندو:

اگر اپنا قدر تم جانو، سپاه سالار تم هوگا،
اوئي اندر اوئي باهر، همه اظهار تم هوگا.
عجب هئي بات باطن کي، به گوش دل کي تم سن کر،
يقين کي آئو ميدان مين اصل اسرار تم هوگا،
ڪيا ڪيا ڪام سڪندر ني، جو سارا ملڪ لي جاتا،
پڪڙلي ملڪ دل کا تم، سڪندر وار تم هوگا.
سچو کي ذات معلوم هئي، سچو سچ هئي جو اوئي هئي،
نهين ڪوئي دوسرا دلبر، اوئي دلدار تم هوگا.

مددي ڪتاب

(١) آڏواڻي، ڪليان، سچل، جئ هند ڪاليج، بمبئي ١٩٥٣ع.
(٢) آڏواڻي، ڪليان: سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ساهتيه اڪيڊمي دهلي ١٩٧٩ع.
(٣) بلديو مٽلاڻي، سچل جون واديون، بلديو مٽلاڻي الهاس نگر ١٩٩١ع.
(٤) تنوير عباسي: شاه لطيف جي شاعري، نيو فيلڊس پبليڪشنز حيدرآباد.
(٥) حامي، عطا محمد: نينهن جا نعرا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٩٢ع.
(٦) درشهوار سيد، ڊاڪٽر: دي پوئٽري آف شاه عبداللطيف، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٨٨ع.
(٧) گوبند مالهي: سچل سرمست، مضمون، ٽماهي- رچنا- ڪلڪته جولاءِ- سيپٽمبر ١٩٨٩ع.

(هن مقالي کي سچل سرمست جي سالياني عرس سال ١٩٩٢ع تي پڙهيل، بهترين مقالو قرار ڏنو ويو)

ماضي جا صوفي - اڄ جا مسيحا

هن ڌرتي جي گولي تي جڏهن کان ڄاڻ جي پکي پرڙا ڦهلايا آهن ۽ چوڌاري اُهو پکي ماضي کي وساري حال جي ٻولي ٻولیندو، وتي ٿو ماڻهن کي نوان گس نوان پنڌ ڏسيندو. تاريخ جي صفحن مان هن پکي جو گذر بہ ٿيو آهي پر، اڄ جو پکي جنهن نموني جي ڄاڻ ڏئي ٿو اُها ڄاڻ (Electronic Media) جي وسيلي ائين تکي پئي پهچي جهڙي برق.

هن جي ٻولي اها آهي تہ جيڪي منجهہ جهان آهي اُهو، اهوئي آهي تہ پنهنجين خواهشن ۽ گهُرجن جو پورائو ڪريو، هر شيءِ ۾ اک وجهي اُن کي هڙپ ڪريو. پنهنجن خواهشن ۽ گهرجن جي پورائي لاءِ پنهنجو ضمير پنهنجي سوچ وڪڻي ڇڏيو. دنيا جي گولي تي هر شيءِ موجود آهي ان لاءِ ئي سوچيو ۽ پوءِ ٻئي جي حقن تي ڏاڙو هڻو، ڦرڪيو، جنگ جدل ڪيو، ماڻهو، ماڻهو کي ڦري ۽ کائي، قومون، قومن کي کائن ۽ ڳهن، وڏي مڇي، ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائي ۽ کائي، ڪا فڪر جي ڳالهہ نہ آهي. دنيا ۾ هن وقت آدم جو آدم جيئڻ ائين حرام ڪري جو هرهڪ پنهنجي خواهشن ۽ گهرجن جي پورائي لاءِ ڳٽتيءَ ۾ گرفتار هجي. ڳٽتي بہ اهڙي جا ڪيس خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري. هڙي ڳٽتي هن دور جي پيداوار آهي.

مون ڳٽتي(Anxiety) تي هڪ ڏاڍو سٺو مضمون ٽائيم رسالي ۾ ۱۹۶۵ع ۾ پڙهيو هو، جنهن جو ترجمو منهنجي دوست سليم خواجہ ان وقت ڪيو هو. ان ۾ ڇا ڪجهہ نہ هو. هن دور جي دردناڪ ڳٽتيءَ وهيٽي ڪهاڻي جو منڊ هو ۽ پچاڙي اڃا تائين نہ ٿي آهي. اهو مضمون ڪجهہ هيئن شروع پئي ٿيو: "پاڻ وهيٽي لفٽ هڪ جهٽڪي سان بيهي رهي ٿي. لفٽ جا در نهايت آهستگي سان کُلن

ٿا. پر ٻاهر نڪرڻ جي در بدران مسافر کي هڪ پٽ نظر اچي ٿي. هوسٽ ڏٺي آڳر سان بٽڻ دٻائي ٿو. ڪجهه به نه ٿو ٿئي. آخرڪار هو خطري جي گهنٽي وڄائي ٿو. هينان (Starter) جو ڪهرو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. "ڇاهي؟" مسافر ٻڌائيس ٿو ته هو پنجويهين ماڙ تي لهڻ چاهي ٿو. لائوڊ اسپيڪر مان آواز اچي ٿو "هن عمارت ۾ پنجويهين ماڙ آهي ئي ڪانه" مسافر وراڻيس ٿو "اهو وري ڪيئن؟ مون کي هتي ڪم ڪندي ورهيه ٿي ويا آهن؟" هو پنهنجو نالو ٻڌائيس ٿو. اُتر مليس ٿو: "مان اهو نالو اڳ ڪڏهن ٻڌوئي ڪونهي." "گهٻراءِ نه" مسافر پنهنجو پاڻ کي چوي ٿو: "هي رڳو ڏيڃارين ٿا" پر وقت گذرندو ٿو هلي ۽ ڪا تبديلي ڪانه ٿي اچي. ان بي انت گهڙي ۾ مسافر جو ٻاهرين دنيا سان لاڳاپو، اهي نيزاريون ۽ ٻن ڇڻن کهرن ٽولهن جي ڏي وٺ ئي آهن، نيٺ اهو به ختم ٿي وڃيس ٿو. هيٺ وارو ماڻهو ڇئيس ٿو ته هو واندو ڪونهي. اُمالڪ مسافر کي ڊپ ويڙهي ٿو وڃي ۽ هو دانهن ٿو ڪري: "ترس ميان! مون سان ڳالهائيندو رهه" پر لائوڊ اسپيڪر خاموش ٿي وڃي ٿو. ڪلاڪ، ڏينهن يا صديون گذري وڃن ٿيون. مسافر پنهنجي رُڪائين ڊبي ۾، ڊپ وچان ڪروندڙو ٿي ويهي رهي ٿو، ۽ هن جون نظرون چمڪندڙ ڏاتوءَ جي اُن اوزار (Grille) ۾ ڪتل ٿيون رهن جنهن مان ڪڏهين اهو آواز آيو هو. "ان اوزار جي پوڃا ڪرڻ گهرجي. شايد اهو آواز وري ٻڌڻ ۾ اچي."

ليڪڪ اها ڪهاڻي ٻڌائي ڇڏي ٿو ته هيءَ جرمنيءَ جي اشاريت پسند اديب فرانز ڪافڪا جي ڪا آکاڻي ناهي نه وري هن جي ڪنهن همعصر نقال جي آکاڻي آهي. هيءُ هڪ خواب آهي، جيڪو تازو نيويارڪ جي هڪ ڪامياب شهري لڏو. فرائيڊ جو پوئلڳ يا ڪو ٻيو نفسي چيد جو ماهر ان جو مطلب چا به ڪڍي، اهو خواب هڪ اهڙي دور لاءِ هڪ مڪمل تمثيل طور ڪم اچي

سگهي ٿو، جنهن کي عام طور "ڪٽني جو دور" چيو وڃي ٿو. هيءُ انهن ڇپ جيڏن شهري منارن بابت ٻڌائي ٿو، جن ۾ حياتي تهه خانن جهڙين اونداهين ۽ سوڙهين ڪوٺين اندر گهاري وڃي ٿي. هيءُ خواب هن صدي جي انهن ڏينهون ڏيڪ پيچيده ٽيندڙ ڪلن بابت ٻڌائي ٿو، جن تي ڪو هڪڙو ماڻهو ضابطو رکي نه ٿو سگهي. هيءُ خواب نه رڳو چٽاپيٽي سان پريل ڪاروباري حياتيءَ بلڪ هڪ سدائين ڦرندڙ گهرندڙ سماج جي تڪڙن لاهن چاڙهن بابت ٻڌائي ٿو. هيءُ خواب ان خطري ڏانهن اشارو ٿو ڪري ته انسان پنهنجي انفرادايت وڃائي نه ويهي. هيءَ خواب پنهنجن هم جنسن، دنيا ۽ هن دنيا کان پوءِ ٻيو جيڪي ڪجهه هجي، تنهن سان لهه وچڑ ۾ اچڻ لاءِ انسان جي جنون جي حد تائين پهتل گهرج ڏانهن اشارو ٿو ڪري. سڀ کان متي، هيءَ خواب ان خدا بابت ٻڌائي ٿو جيڪو خاموش ٿي ويو آهي."

مان ڪٽني جو اهو خوفناڪ روپ پڙهي، في الحال ته ان خدا وانگر چپ ٿي ويو هوس، جيڪو خاموش ٿي ويو آهي. مان ڪٽني ۽ خوف ۾ مبتلا ٿي، علم دين جي ماهرن ڏي پڳو هوس. خدا کي ڳولڻ لڳو هوم. هرهنڌ هر جاءِ، مسجدن ۾، خانقاهن ۾. آواز ٻڌڻ لاءِ ونڊن منارن تي چڙهي ويو هوس، ته خدا جي ويجهو ٽيان ته من آواز ٻڌان. ات وڏيڪ پوءِ ٽيم ۽ ڪٽني ٽيم ته ان منارن تان هيٺ ڪري نه پوان. نيٺ هڪ ڏينهن رلندي رلندي واٽ ويندڙ فقيرن جي ٽولي ڏٺم ڏاڍو منو پئي ڳاتئون :

من ۾ الا سو تن ۾ الا
محبوب ڳولي ڏس من ۾ الا.

مون کانئن پڇيو "يار! ڪير آهيو" چيائون "سائين فقير آهيون". عربي ۾ فقير جي معني آهي گداگر يا پينو. مون ڪجهه

آڇيو مان تہ چيائون :

گولا جي گراهہ جا، جوناسي جوگي،
قتل او قوگي، جنين شڪر سانديا.

زور ڪيو مان تہ چيائون :

جي فڪر ڪئون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور،
هونداسي حضور، آءٌ تہ ڳرهيون ڳالهڙيون.

ڳالهين ۾ پياسين تہ منهنجا سپ اهنج لهي ويا، ڪاڏي ويا ڊپ داءٌ، ڪاڏي ويو خوف هراس، ڪاڏي وئي ڳٽتيءَ جي ڏاڙ چيائون "سائين! ڪهڙي ڳٽتي ۾ هيا." ڇيو مان تہ "هن دنيا ۾ ڏنو آهي، خدا کي ٿو ڳوليان ڪو اُهو تارياق ڏسيو." اتي چيائون تہ "سائين ڪجهہ صوفي فقيرن جون ڏنل سوکڙيون اسان وٽ آهن، اسان وٽان کنيو وڃو، شايد توهان جي دل جو درمان ٿجي، ڳٽتي فڪر کان آجا ٿيو."

ڪٽي جو سوکڙيون سوجهيان، تہ مارا! هيءَ تہ فقير ڪينهن، پر وڏا اميرءِ "سپ ڪي" وارا مٺيادار ماڻهو آهن. سوکڙيون اڄ بہ سنياليل اٿم:

ڏني ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿئا،
صوفي سي ٿيا، جنءَ ڪين کيائون پاڻ سين.

(شاه)

پوءِ چيائون:

مونا جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلي نماءُ قلب ڪري، تن کي ڪيائون طواف.

تحقيق جي تڪبير چئي، جسمان ڏنئون جواب،
تن ڪهڙو ڏوهه حساب، جن هنڙي هادي حل ٿيو.

(شاه)

چيائون سائين هاڻ اڃا به اڳيرو ۽ توهان جي ڳولا جو جواب آهي.

حڪم هلي ٿو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ،
صورت سا سڃاڻ، منهن ڪري مورت ڪي.

مون ورتي فقرا لڏي جي پٺ، اچي لطيف پيڙو ڪيائون، اُتان کنيون اچي سچل وٽ مٽيائون. ڳٽتيون فڪر ته لٽا پر ڳولا جو عمل جاري آهي. ڏس پنڌ اهوئي مليو:

"تون" هي سان "تون" ليين "مان" ليان "تو" سان،
"تون"، "هي"، "آءُ" سيهين "لا" ۾ موجودات ٿي.

(سچل)

پاڻ سڃاڻن لاءِ اها ڳالهه مليم پر الائجي ڇو پئه نه ٿيم :

جي تو ڄاتو "پاڻ"، ته "آءُ" ٻيو ڪو آهيان،
ڪنڌ غرق گُمان، ڳهيلا انهي ڳالهه ۾.

(سچل)

صوفي فڪر کي هر ڳٽتيءَ جو علاج پائين، مون نه رڳو شاه، سچل، سامي پڙهيو؛ بڈو پر وجي منبع لڏا. هونئن به جڏهن حقيقت عشق موت يا ڳٽتي وانگر عالمگير هوندي آهي ته ان جو پورو پورو اندازو لڳائڻ يا ان جي درجي بندي ڪرڻ تمام ڏکيو ٿيو پوي. ماڻهو جيڪڏهن ڳٽتي نه ڪري ها ته هو انسان نه هجي. ڇا ماڻهو اڄ اڳي کان به وڌيڪ فڪرمند آهي؟ ڇا هن جون ڳٽتيون ۽

انديشا حضرت ايوب کان نرالي نوعيت جا آهن؟ يا ڇا هن دور جو انسان بگڙيل تاريخي نقطہ نظر جو شڪار آهي، جو هو سدائين حال کي ماضيءَ کان وڌيڪ وڏو ۽ برتر سمجهندو آهي؟

جيتوڻيڪ مفڪر انهي ڳالهہ تي متفق آهن تہ، هن دور ۾ ڪٿي في الحقيقت ڪميت توڙي ڪيفيت ۾ مختلف ضرور آهي پر بنيادي طرح سان، انسان بنياي خصلتن ۽ جبلتن ۾ اڃ بہ ساڳيو آهي. ان لاءِ ضروري هو تہ ماضي جي ماڻهو ۽ انهي دور جي انهن مسيحائن کي بہ ڳولي لهجي، جن انسانن جو علاج ڪيو ۽ ڪين غم ۽ فڪر کان آجو ڪيو.

شروعات حضرت آدم کان ٿئي ٿي. ڪئين نبي، پيغمر، ولي ۽ مفڪر آيا. هرهڪ پنهنجي دور جو مسيحا هو. صوفي فڪر تڏهن جنم ورتو جڏهن انسان کي ڪٿي فڪر کان آجو رکڻ وارن جو مواد تہ ڪٺو ٿي ويو هو، پر هر دور جي تقاضا پنهنجي هئي. دنيا جي گولي تي آدم وڏندو پئي ويو، فڪر ۽ نظريا ڦريا گهريا پي. ماڻهو بنهہ منجهي پيو. مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا وانگر، ضروري هو تہ مذهب سان گڏ انسانن لاءِ هڪ اهڙو فڪر ايجاد ڪجي، جيڪو نہ رڳو ڪين مادي ڪٿيءَ کان آجو ڪري؛ پر روحاني خوشي ڏي، من جي تسڪين ڏي، امن ۽ آشتي ڏانهن ڪٿي وڃي. صوفي فڪر تي جن بہ ڪم ڪيو، انهن جو مقصد انسانن کي هڪ عالمي فڪر ۽ نظريي کان آگاه ڪرڻو هو، جنهن ۾ محبت، عشق، سچائي، سونهن ۽ سوڀيا ، امن ۽ آشتي جو پرچار هو.

انهي فڪر جا جيڪي اڳواڻ هٿا اهي اڃ جا مسيحا آهن، انهن جي لسٽ وڏي آهي پر ڪجهہ هن طرح آهن. ابراهيم ادهم، بايزيد بسطامي، بلاول، بلهي شاهہ، حسين بن منصور حلاج، مولانا جلال الدين رومي، سرمد، شاه عنايت، شبلي، بوعلي قلندر، شمس تبريزي، شهباز قلندر، فريدالدين عطار، شيخ جنيد، شيخ

هيڪل، صنعان، عبدالحق، عبدالخالق، عبدالله هروي، قاسم، ڪپاهي، ڪرمل، موسيٰ مهدي شاه، نجم الدين اڪبر وغيره. خاص طرح هڪ مفڪر، محي الدين عربي جنهن کي شيخ اڪبر چيو ويو. ان جو احوال ضرور اسان جي رهبري ڪندو.

ابن عربي جي خاص طريقت جيڪا طريقت خاتميہ، طريقت عربيہ ۽ زياده تر طريقت اڪبريہ جي نالي سان مشهور ٿي. هو اهل تصوف ۾ زياده تر شيخ اڪبر جي نالي سان مشهور آهن. خاص طريقت رکڻ جو مقصد اهو آهي تہ هنن پنهنجي طريقت، ڪنهن مرشد يا شيخ کان نہ اخذ ڪئي، پر اندلس جي قيام دوران يا ملڪ جي مختلف شهرن جي سير سياحت دوران، روحاني عرفاني ۽ معنوي راهن تي هلندي، هو مردن ۽ عورتن سان مليو ۽ انهن مان گهڻن بزرگن جي خدمت ۾ فائز ٿيو. خدا رسيده هستين جي برڪات کان بهره مند ٿيو.

مسيحائن ۾ ٻيو اهم نالو مولانا جلال الدين جو اچي ٿو. مولانا (٦٠٤ کان ٦٧١هـ) خود ابن عربي وانگر عالم اسلام جو هڪ دانا ترين ۽ معروف ترين عارف، نادر روزگار ۽ دنيا ئي علوم ۾ چوٽي جي بزرگن ۽ نسل انساني جو وڏي اهم شخصيت هئي.

چيو اهو وڃي ٿو تہ ابن عربي ٦٢٠هـ کان پنهنجي سال وفات ٦٣٨هـ تائين دمشق ۾ ئي هو. مولانا جو حلب جو سفر سن ٦٣٠ ۾ ٿيو ۽ هو انهي شهر ۾ ٽورو عرصو ترسڻ کان پوءِ دمشق ۾ پهتو. اها ڳالهہ حقيقت جي ويجهو آهي تہ مولانا جهڙي مردان خدا آگاه جي متجسس ۽ متلاشي انسان کان اها ڳالهہ بعيداز قياس لڳي ٿي تہ هو ايترو عرصو دمشق ۾ هجن ۽ هڙي شهره آفاق شخصيت يعني محي الدين اڪبر سان نہ مليا هجن. سمجهجي ائين ٿو تہ مولانا جلال الدين، ابن عربي جي شاگرد صدرالدين قونوي جي معرفت ضرور ملاقات ڪئي هوندي. محسن جهانگير جي تاليف ڪيل ڪتاب ۾ مولانا جي تعريف ۾ هڪ شعر ملي ٿو: "جيڪڏهن

اسان جي اندر الوهيت جي ڪا شڪل هجي ها تہ هو تہ هجي ئي ها. ان ۾ نہ مان ڪو ڪنايہ ڪان ڪم وٺان ٿو ۽ نہ متردد آهيان."

چيو اهو بہ وڃي ٿو تہ شمس تبريزي بہ ابن عربي سان ملاقات ڪئي ۽ ابن عربي جو مٿس اثر ٿيو. اها بہ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي آهي تہ مولانا جلال الدين رومي پنهنجي ديوان شمس تبريزي، جيڪو فارسي ۾ سندس وڏو ديوان آهي، تنهن ۾ ٻن ٻين صوفي ۽ مفڪرن جو ذڪر ڪندي چئي ٿو:

ما از پئي سنائي و عطار آمديم،

اسان سنائي ۽ عطار واري ساڳي واٽ ورتي آهي.

چيو اهوئي ويو آهي تہ شاه سائين سان مولانا روم جو ڪلام گڏ هوندو هو. هيءُ مسيحائي جو سلسلو وڏو آهي. سنڌ ۾ اسان جو شاه ۽ سچل انهي سلسلي جي ڪڙي آهن ۽ ماڻهن جي دکن ۽ دردن جا درمان ٻڌيا آهن ۽ ڪين ڳٽتي ۽ فڪر ڪان آجو ڪيو آهي. لطيف انهي پنڌ جي پانڌيئڙن ۽ فڪر بخشيندڙن لاء چئي ٿو:

واڃٽ ويراڳين جا، مون وٽ وڏو مال،
مقالان مهند ٽئا، ڪونهي وڻن قال،
حاصل جنين حالُ آئون نہ جيئندي أن ري.

سچل سائين تہ ڪُني جا ڏڪڻ لاهي بنهہ باڦ ٻاهر ڪڍي وڃي، مورڳو انهي مڙس جو پاسو ورتو، جنهن چمڙي لهرائي چڏي ۽ تاريخ جو وڏو شهيد ليکيو ويو. اهو هو ابن منصور حلاج.

ابن منصورءالحلاج جو فڪر، جيڪو سچل سائين تي عيان ٿيو، ان لاءِ حبيب الله صديقي لکي ٿو ته:

Mansur is a symbol of selfless sacrifice in the path of love. This symbol is widely employed in sufistic poetry down to the times of Sachal Sarmast. The hallajian tradition of a desire and of sumbission to suffering in the quest of comunion with the absolute truth (حق) and expressing such an experience without reservations, has found a special appeal in Sindh, may be on account of its identification with the character, of heroins in Sindhi folklore who took to the path of self annihilation (فنا) in order to unite with their beloved- hence also the symbol (علامت) of Ibne-e-Mansure Hallaj in Sindhi sufistic poetry of a true lover and its impact on all of us sitting here.

منصور "اناالحق" جو نعرو هنيو ۽ سچل چئي ڏنو:

پنهنجي ذات لکائي ڪيئن پي ذات سڏايان،
اعليٰ اعظم شان جي نوبت‌خيهن وڄايان،
منصوري جي موج ۾ ٿو اناالحق الايان.

هڪ هنڌ سچل چئي ٿو:

از مي منصور بنوشيده ام
خلعتي از عشق بپوشيده ام
از جسد و روح که بگشته ام
ازمن و ماني همه تن رسته ام.

سچل منصور جو عاشق هو ۽ منصوري فڪر کي عام ڪيو اٿس:

مڙس ٿي منصور ڇؤ نه ته ڪير ڇؤ منصور آن،
منصور جي منزل اتي ڏاڍا تماچا تهمتان.

اڪتي چوي ٿو:

وس نہ هو حلاج جو، ڪوئي محبتي مخمور هو
سر نہ جي سوريءَ ڏنائين قرب ۾ ڪو قصور هو

هيءُ تہ هيا ڪي ماضي جا صوفي مفڪر، جن اسان جي اڄ جي ڪروڙن ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪندڙ، شاهہ ۽ سچل کي دگ ڏسيو ۽ انهن جي رهبري ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ الڳ حياتي گهاريو،جيئڻ ۽ مرڻ جا قدر طئي ڪيا. ان کان الڳ دنيا ۾ پهريون پيرو لطيف سائين، شايد ان ڪري موسيقي ۽ راڳن جي وسيلي هيءُ پيغام عام ڪيو تہ گوندر غم سپ گم ٿي ويا. سچل بہ ان جي پوئواري ڪئي.

هنن شايد ان ڪريلوڪ ڪردار ڪنيا، جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ اڳ ئي ٻيئل هئا. انهن کان اهو ڪي چوايو جيڪو ڪو مذهبي مبلغ بہ نہ ڪري سگهي. مارئي جو وطن سان عشق، سسئي جو وو وو ڪرڻ ۽ ووڙڻ وارو جذبو، سهڻي جو دهشت ڏم دريا واري ڪيفيت ۾ اڇلون ڏيڻ، مومل جو مجاز، ٻيجل جا آلاپ، موکيءَ جا مٽ پرڻ، وري راءِ ڏياچ جو سر ڏيڻ، مورڙي جي ڏاهپ، راڻي جي غيرت، چنيسر جو مان ۽ پرم؛ اهي سڀ انساني وصفون هيون يعني (Virtue) ۽ انساني قدر (Values) هيا جن جو لطيف ۽ سچل پرچار ڪري ماڻهن جا ويچ طبيب بڻيا ۽ مسيحائي ڪئي.

لطيف ۽ سچل کي من جي مونجهہ لاهڻ لاءِ سپ ڪو هينئين سان هنڌائي تہ شايد سپ غم وهم لهي وڃن. پر سچل هڪ ڳالهہ ضرور ڪري ٿو ۽ ڪي اصول قائم ڪري ٿو.

ماڻ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر،
انهيءَ وائي ور، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي.

ڳالهہ آهي ئي هن ڏرتي جي گولي تي وائي جو ور سمجهڻ جي
شال اسين اهو وائي جو ور سمجهون تہ سپ سڀائي ٿي پوندي.

ببليوگرافي

١- محسن جهانگريري (مترجم : احمد جاويد سهيل) : محي الدين ابن عربي، حيات وآثار، اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور، ١٩٨٩ع.
٢- عثمان علي انصاري : رسالو سچل سرمست، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. ١٩٥٩ع
٣- حبيب الله صديقي : مضمون "منصور حلاج"، سرمست - ١١، سچل يادگار ڪميٽي خيرپور ١٩٩١ع.
٤- سليم احمد (مترجم) : ڳٽتي : امريڪي رسالي ٽائيم تان ورتل ماهوار - روح رهاڻ - حيدرآباد جنوري ١٩٦٥ع.
٥- بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر : توسيعي ليڪچر (تقرير)سلسلي وار سرمست - ١٢ - سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور - ١٩٩٢ع.

(سچل سرمست جي عرس ١٩٩٣ع ۾ پڙهيل)

يار سچوءَ رنگ لايو

آغا سليم سان صرف سچاٽپ ئي نہ پر اهڙو ساڻ رهيو آهي، جيڪو هر خيالِيءَ کان اڳتي وڌي محبت ۽ خلوص جي تاجي پيٽي سان اُٽبو ويو آهي. اڄ جيڪڏهن آغا سليم جي ڪابہ تحرير منهنجي سامهون ايندي آهي تہ مان پاڻ کي ان تحرير کان الڳ نہ سمجهندو آهيان.

آغا سليم بنيادي طور افسانہ نگار آهي. هن پوءِ ناول بہ لکيا. سندس تحرير ۾ هميشه هڪ رومانيت وارو انداز هوندو آهي. سندس بولي هميشه مٺي ۽ جذباتي هوندي آهي. سندس نثري زبان هڪ شاعر واري زبان محسوس ٿيندي هئي. مان هميشه کائنس پڇندو هيس تہ "يار تون شاعري ڇو نٿو ڪرين؟" هو پنهنجي روائتي ۽ پراسرار مسڪراهٽ سان وراڻيندو هو "يار! مان ۽ شاعري. هي هن ڪائنات جون ڪهاڻيون آهن، انهن ۾ رومانس آهي، شاعراڻو تخيل بہ آهي، پر شاعريءَ واريون بندشون مان نٿو چاڻان."

ڪجهہ وقت گذريو جو خبر پيئي تہ هو شاه لطيف جي بيتن جو ترجمو ڪري رهيو آهي. هڪ ڏينهن منهنجو دوست حميد آخوند مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ "اسان شاه لطيف جي هڪ سُر جو اردو ترجمو شايع ڪيو آهي ۽ اهو منظوم ترجمو آغا سليم ڪيو آهي. ان جي مهورت واريَ گڏجاڻي رٿي رهيا آهيون. آغا سليم ۽ منهنجو خيال آهي تہ تون انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ خاص تقرير (Keynote Speech) ڪر ۽ ان سان گڏوگڏ ڪتاب ۽ مترجم کي متعارف ڪراءِ." مان چپ رهيس مگر جڏهن آغا سان گفتگو ٿي تڏهن مون کي ڏڍ مليو ۽ چيم مان ضرور ڀالهائيندس انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ جڏهن مان ڀالهائي چڪس تہ حميد آخوند، آ

سليم ۽ پڌندڙن ڏاڍو ساراهيو. مون کي اڄ ٻه اهي شعر ياد آهن ۽ آغا جون ڳالهيون ٻه.
شاه سائين جو هي بيت ڏسو، جيڪو "سُر مومل راڻو" جو آهي :

جهڙا گل گلاب، جا تهڙا متن ويس،
چوٽيا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسئو سڪ سيد چئي، نيهن اچن ٽا نيش،
لالڻ جي لبيس، آٽڻ ڪونہ اُڇهي.

۽ ان جو خوبصورت ترجمو ڏسو

جيسے پھول گلاب کے ايسا انکا بھيس
جوڑے خوشبو ميں رچے، مہکے مہکے کيس
ديکھ کے سندر بھيس، حيرت ميں سارے ہوئے۔

انهيءَ سُر جو هڪ ٻيو بيت ٻه ياد آهي :

جنهن ترڻ ڏوڙيون ڏون، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
اچن پنئر پنيولئا، پاڻيءَ تنهين پون،
رانول رتو رون، ڪو وهہ لڳو واسئين.

ترجمو

دھوتی ہیں جس گھاٹ پر چندن مہکی زلفیں
بھنورے سمجھے پھول ہیں تال میں آن پڑے
ديکھ کر راول روئیں، مہک سے پریت بھنورے کی۔

هي تہ هيا ڪجهہ لطيف سائينءَ جا بيت، جي آغا سليم ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ترجمو ڪيا هئا. رهيون آغا سليم

جون ڳالهيون سو اُهي به پڌائي ٿو ڇڏيان.

مون آڳا کي چيو هو ته هي منظوم ترجمو تو موسيقيءَ جي ماترائن کي سامهون رکي، انهن کي هنديءَ جي آميزش سان سنواريو آهي. آڳا انهيءَ جي جواب ۾ پنهنجي پراعتماد لهجي ۾، جيڪو ڪجهه چيو هو سو مان اڃ تائين وساري نه سگهيو آهيان. ڇو جو اڃ سڄل سائينءَ جو هي منظوم ترجمو انهيءَ خيال جي تاجي پيڻي کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو.

هن چيو هو ته: "جيئن شاه سائينءَ جو ڪلام سماجي روايتن جو حامل آهي ۽ انهيءَ واسطي ئي شاه سائينءَ ان کي سرن ۾ آندو آهي. ۽ مون به انهن سُرن ۽ راڳن کي سامهون رکندي ئي ترجمو ڪيو آهي. يار حميد! توکي ته خبر آهي ته جڏهن مسلمان صوفي هندستان ۾ آيا ته، انهن هنديءَ ۾ ئي ڳايو ۽ جيڪو به ڪلام چيائون سو هتان جي عام ماڻهن جي زبان ۾ ئي چيائون. تون بابا فريد گنج شڪر، بوعلي قلندر، امير خسرو، عبدالرحمان خان خانان ۽ ملڪ محمد جائسيءَ جي ڪلام کي ڏس."

پوءِ هن بابا فريد گنج شڪر، بو علي قلندر ۽ امير خسروءَ جا شعر پڌايا:

ڪاگا سپ تن کائيو، چن چن کائيو ماس،
دو نينان مت کائيو، جنهين پيا ملن کي آس.
(بابا فريد گنج شڪر)

سجن سکيري جائين گي، نين مرينگي روءِ،
بدنا ايسي رين ڪرو، پور ڪدي نا هوءِ.
(بو علي قلندر)

۽ پوءِ پنهنجي ڳالهه کي وڌائيندي چيو هئائين ته:
"حميد! مون انهن روايتن کي سامهون رکندي ان ئي انداز سان

ترجمي جي شروعات ڪئي آهي. ائين به مون شاه جي (Feminine Tone) جي روايت کي برقرار رکيو آهي. ڇو جو ان ۾ مڪمل سپردگي (Complete Devotion) آهي ۽ اها هندي ۾ ٿي ادا ٿي سگهي ٿي. هونءَ به چندوديا ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ نٿا سمائجي سگهن ۽ پوءِ ٿئي پون ٿا."

مون جڏهن به آغا سليم جي ٻين سُرن جا ترجما ڏٺا يا وري سندس پنهنجا شعر پڙيا ته، هو مون کي ساڳيو ئي (Sublimity) وارو، ۽ موسيقيءَ جي ماترائن وارو آغا نظر آيو. اڄ به جڏهن هو ڪو شعر پڙائيندو آهي ته سندس آڱريون به ماترائن جي حساب سان هلڻ لڳنديون آهن. اڄ ڪلهه ته هو اليڪٽرڪ جي باجي تي به جهونگاري شعرن کي سُرن ۾ آڻيندو آهي.

هونءَ منهنجي نظر ۾ آغا سليم نفيس جذبن جو مالڪ آهي، ۽ اهو ان حُسن ۾ يقين رکندو آهي،جيڪو اسان جي اندر ۾ آهي. انهيءَ ڪري هو نه رڳو شاه لطيف جي جمالياتي حس پر سچل سائين، جيڪو شاه سائينءَ جو هم سفر آهي، جي اندروني ڪيفيت کان به آگاه آهي ۽ شايد اهوئي سبب آهي جو، ان شاه لطيف جي ڪافي سُرن کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ بعد، سچل سائينءَ جي ڪلام جو اردو ترجمو ڪيو آهي. هونءَ سچل اردوءَ جي اولين شاعرن مان به آهي.

شاه سائينءَ جي ڪلام جي ترجمن کي ڏسجي ٿو ته انگريزيءَ ۾ ڪجهه نالا نظر آچن ٿا. ايڇ- ٽي سورلي، ليلا رام ونڊ مل، ايلسا قاضي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر ايني ميري شمل، آغا محمد يعقوب، ڊاڪٽر درشهوار سيد، جي الانا ۽ ٻيا. اردوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ وارن مان ڪجهه جا نالا هي آهن : الياس عشقي، شمشير الحيدري، منظور نقوي، آفاق صديقي، ابن انشا، جميل الدين عالي وغيره، انهن ترجمن کي توهان (Sporadic)

ترجما چئي سگهو ٿا، چو جو انهن هڪ سُر يا منتخب ڪلام جو ترجمو ڪيو. مگر شيخ اياز، شاه عبداللطيف جي مڪمل ڪلام کي ترجمو ڪيو.

سچل سائينءَ جي ڪلام جي ترجمن ۾ ٻه چند نالا اچن ٿا : جينمل پرسرام، ساڌو واسواڻي، تيرٿ داس هوت چند، ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شيڪل ۽ ڊاڪٽر اياني ميري شمل سچل سائينءَ جي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. انهن ۾ تيرٿ داس هوت چند جو نالو نمايان آهي، جنهن سچل جي فارسي مثنوين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو منظوم اردو ترجمو ڪرڻ وارن ۾ رشيد احمد لاشاري، شفقت تنوير مرزا، آفاق صديقي ۽ محسن پوپالي‌ءَ جا نالا اهم آهن. فارسي ڪلام جو منظوم سنڌي ترجمو ڪرڻ وارن ۾ هادي بخش مغل ۽ عطا محمد حامي نمايان آهن. علي اڪبر درازي ۽ صديق طاهر سچل سائينءَ جي ڪلام کي سنڌي ۽ اردو نثر ۾ ترجمو ڪيو آهي.

اڄ آغا سليم جو نالو انهن (Sporadic) ترجمو ڪرڻ وارن ۾ نمايان آهي، جن لطيف ۽ سچل جو دل جي خلوص سان ترجمو ڪيو آهي.

آغا سليم جي ڪيفيت هن دفعي ڪجهه مختلف ٻه آهي، چو جو هو سنڌي شاعريءَ ۾ جلالي ۽ جمالي رويئن کي محسوس ڪندي شاه لطيف کي جمالي روايت ۽ سچل سرمست کي جلالي روايت جو شاعر سمجهي ٿو. پاڻ تعارف ۾ لکي ٿو:

"شاه صاحب جي ساري شاعريءَ ۾ منصور جو ذڪر صرف ٻن بيتن ۾ ملي ٿو. جڏهن ته سچل سائينءَ جي سڃاڻپ ئي منصور ۽ منصوري موج آهي. شاه سائينءَ جي ڪلام ۾ "مان" جي حوالي سان وجود مطلق ۽ حسن ازل جو اظهار ٿيو ملي. شاه صاحب کي جڏهن پنهنجي ذات جو عرفان ٿئي ٿو تڏهن هو ان جو اظهار

"مان" جي بجاء "اسان" جي صيغي ۾ يا وري لوڪ داستانن جي ڪردارن جي حوالي سان ڪري ٿو. جڏهن ته سچل سرمست پنهنجي سرمستيءَ ۾ ساري ڪائنات کي لتاڙي انهيءَ مقام تي قدم رکي ٿو جتي منصور به نه پهچي سگهيو هو. هو وجود مطلق ۾ فنا ٿي چوي ٿو:

نامين نوري نامين ناري، مين هون رب جبار.

آغا سليم جو هي منتخب ڪلام سچل جي سرشاري ۽ سرمستيءَ جو مڪمل بيان آهي.

جسم و جان کے بھیس میں دلدار ہے پیارے
جو ہے چھپ کر آیا
رنگ میں بےرنگ نے سو رنگ دکھائے
بچورنگ رچایا

سچ پچ انهيءَ پوري ڪلام ۾ سچل سائينءَ پنهنجو رنگ رچايو آهي ۽ آغا ان کي اُن ئي طرح پکيڙيو آهي. آغا سليم اردو شاعريءَ جي روائتي انداز کي به قائم رکيو آهي:

خاص خداوند ہے پاک خداوند ہے
گاہ وہ شرف بوعلی گاہ ابچند ہے
گاہ وہ آزادگی، گاہ پراگندگی
گاہ وہ گریاں تپاں، گاہ وہ لب خند ہے

آغا سليم جو پنهنجو انداز وري هن طرح نمايان آهي:

يار جھوم کے آيا جھم جھم پايل باج رہی
کيا کيا غمزے يار سجن کے، کيا کيا نرت دکھايا۔

سندس ترجمي جي هن خوبيءَ کي بہ ڏسو:

عشق کی راہوں میں اجیارا
جس سے پھوٹے درد کا دھارا
عاشق روئیں اور کراہیں
پل پل ٹھنڈی سانسیں آہیں
عشق ہے آہ و زاری پیارے

سچل جي عشق جي تپش کي محسوس ڪندي آغا، ترجمي منجھ انهيءَ ڪيفيت کي برقرار رکيو آهي. سچل جي سرمستي هجي يا نيازمندي، آغا سليم انهيءَ ڪيفيت کي جيئن جو تيئن منتقل ڪيو آهي سچل سائين چيو:

ميري آهيان، مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان
عيب نہ کولٹا ڏکين منهنجا ڏولٹا

۽ آغا اُن ڪيفيت کي هنن بولن ۾ آندو:

اے محبوب میں میلی اور عیبدار ہوں
لیکن پھر بھی تیری باندی ہوں
تو مجھے ڈھانپ لے، اور میرے عیب نہ کھول
جیسے تیسے میری لاج رکھ لے۔

هن منتخب ڪلام رستي سچل جي فڪر کي عام ڪيو ويو آهي. سچل جيڪو "سچ" ۽ "حق" جي علامت آهي ۽ جنهن تصوف جي روايت کي شاعريءَ ۾ تصوف جي لاءِ سرفروشيءَ جو علم بلند ڪرڻ واري منصور حلاج کان پوءِ، انهيءَ روايت کي زنده رکيو. منهنجي نظر ۾ سچل ايڏا اسرار آهي. اسرار تان پردو ته پاڻ کنيو اٽائين، ۽ اسين ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته انهيءَ فهم کي سمجهون، جنهن سان "پرين يا پريتم" ملي. انهيءَ ڪري، سچل سائينءَ تي هاڻي لطيف سائين کان پوءِ ڪافي ڪجهه لکيو پيو وڃي، تحقيقي اداري به قائم ٿيو آهي جنهن ۾ تحقيق جو اڻ کٽ سلسلو هلي پيو آهي، جيڪو سچل سائينءَ جي لاءِ خراج عقيدت جو هڪ انداز آهي.

شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ قدم اڳتي کنيو آهي ۽ "سچل چيئر" قائم ڪئي آهي. انهيءَ چيئر سچل جي فڪر جي سر بلنديءَ لاءِ گهڻي محنت ڪئي آهي. سچل جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام، قلمي ۽ ڇپيل نسخن کي سامهون رکي معياري متن قائم ڪيو پيو وڃي. فارسي ڪلام کي ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي مختلف قلمي ۽ ڇپيل نسخن کي سامهون رکي ترتيب ڏئي رهيو آهي، جيڪو ڇپجڻ لاءِ تيار آهي. سچل جي متعلق ڇپيل ۽ قلمي مواد کي هن چيئر ۾ محفوظ ڪيو پيو وڃي. هر سال سچل سرمست تي شايع ٿيندڙ ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن جي ببليوگرافي تيار ٿيندي آهي. هيءَ خدمت سچل جو هڪ فدائي، محمد علي حداد سن ۱۹۸۲ع کان لڳاتار ادا ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ اسڪالرن جي گيلري ۽ موسيقارن جي گيلري، سچل چيئر ۾ قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سچل جي اسڪالرن ۽ موسيقارن جون تصويرون سينگاريون ويون آهن.

وحدت الوجود، تصوف، سچل جي دور ۾ سنڌ جي

تاريخ ۽ هر اهڙي موضوع تي، جيڪو سچل سان تعلق رکندڙ آهي، ان متعلق هڪ بيش بها ڪتب خانو ٻه سچل چيئر ۾ قائم ڪيو ويو آهي.

سچل سرمست جي ڪلام کي قديم ۽ جديد فنڪارن جي آواز ۾ ڳايل آڊيو، ويڊيو ڪيسٽن تي محفوظ ڪيو ويو آهي. سچل سرمست تي ڪيل تقريرن، سيمينار، ليڪچر ۽ موسيقيءَ جي محفلن جون ٻه آڊيو، ويڊيو ڪيسٽون محفوظ ڪيون ويون آهن.

اسان جي اها ڪوشش آهي تہ سچل سائين تي ڪنهن ٻه موضوع تي تحقيق ڪندڙ کي سمورو مواد هن "سچل چيئر" جي ڇت هيٺان ئي ميسر ڪري ڏيون، ۽ ان کي هن سچل چيئر جي عمارت کان ٻاهر ڪنهن ٻه ٻئي طرف وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي.

سچل سائينءَ سان محبت ۽ عقيدت جي اظهار طور سچل چيئر طرفان هي منتخب ڪلام جو ترجمو شايع ڪيو پيو وڃي.

مان هتي تنوير عباسيءَ جو ذڪر ضرور ڪندس، جيڪو نهايت ئي خلوص سان "سچل چيئر" کي سچل سائينءَ جي خيال وانگر دائمي حيثيت ڏيڻ ڳهري ٿو. سندس ئي ڪوشش ڪري آغا سليم کان هي منتخب ڪلام جو منظوم ترجمو هٿ ڪري سچل چيئر جي اشاعتي سلسلي کي برقرار رکيو ويو آهي. مان آغا سليم جو ٻه، تعاون ۽ محبت جي جذبن سان پريل، هن تحفي تي احسانمند آهيان.

(آغا سليم جي اردو ترجمي "منتخب ڪلام، سچل سرمست" ۾ لکيل مهاڳ جو ترجمو)

تعارف

حميد سنڌي، ۱۲ آڪٽوبر ۱۹۳۹ع تي نوشهري فيروز ۾ جائو. هن ايم اي ۽ قانون ۾ ڊگري ونڊ ڪان پوء برطانيه ۾ تعليمي انتظام ۾ ڊگري حاصل ڪئي.

هو هُوٽ سٽار ڪاتي، بئنڪن ۾ مئنيجري، وڪالت، پريس هلائڻ، پيٽرول پمپ هلائڻ ۽ پٽرن جا ٽيڪا ڪٽڻ ڪان پوء سنڌ يونيورسٽيء جي ملازمت ۾ گهڙيو، جتي رجسٽرار جي عهدي تائين پهتو. ان ڪان پوء ننڍيء عمر ۾ هو ڪاليجن جو ناظر مقرر ٿيو. اڳتي هلي هن ڪي حيدرآباد جي پبلڪ اسڪول جي سربراهي ملي. وري هو ڪاليجن جو ناظر ٿيو، جتان ائگريڪلچر يونيورسٽيء جو وائيس چانسيلر ٿيو، ۽ هاڻي شاهه عبداللطيف يونيورسٽيء جو وائيس چانسيلر آهي.

ادبي دنيا ۾ هن زندگي پبليڪيشنس جي سربراهه جي حيثيت ۾ قدم رکيو. رسالو "روح رهاڻ" جاري ڪيو، جيڪو سنڌ جي جديد ادبي تحريڪ جو ترجمان هئو. هن جي ڪهاڻين جا ست مجموعا ڇپجي چڪا آهن، جن مان ڪي ڪهاڻيون سنڌي ادب جو شاهڪار آهن. هن شاهه لطيف جي شاعريء تي، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان پنج ڪتاب ترتيب ڏنا آهن.

صحافيءَ جي حيثيت ۾ هو روح رهاڻ، مارئي، لطيف ڊائجسٽ ۽ نئين زندگيءَ سان واسطه رهيو آهي. هن کي اڪادمي ادبيات طرفان "ويرين" تي ايوارڊ (۱۹۸۱ع)، سنڌ الاجي ايوارڊ (۱۹۸۱ع)، رائٽرس گلڊ ايوارڊ (۱۹۸۱ع)، گولڊ ميڊل لطيف ادبي سنگت طرفان، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان لطيف ايوارڊ (۱۹۹۰ع) ۽ ان کان سواءِ صدر پاڪستان طرفان ۱۹۹۰ع ۾ تمغهء امتياز ۽ ۱۹۹۱ع ۾ اعزاز فضيلت ملي چڪا آهن. تازو هن کي سچل سرمست ايوارڊ ۱۹۹۳ع ملیو آهي.

هو سنڌ يونيورسٽي سينيٽ، بورڊ آف ايڊيوڪيشن سکر ۽ حيدرآباد، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، سنڌي ادبي بورڊ ۽ بين ادبي ۽ علمي ادارن جو ميمبر، سچل اڪيڊمي، جو چيئرمين ۽ يونيورسٽين جي ڪيترن ئي شعبن جو ممتحن رهيو آهي. سڀ کان وڌيڪ حميد سنڌي هڪ وٽندڙ شخصيت آهي.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سچل چيئر،
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سنڌ.